# مہران

جلد ۲۴
نمبر ۲ و ۳
سال ۱۹۷۵ء



سنڌ ـــ صدين جي آئيني ۾

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٢٤]                                        [نمبر ٢ ۽ ٣

اپريل، مئي، جون

۽

جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر

١٩٧٥ع

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

ايڊيٽر: غلام محمد "گرامي"                    اسسٽنٽ ايڊيٽر: "ناشاد"

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.
(پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ)

مواد موڪلڻ جي ائڊريس:
ايڊيٽر "مهراڻ" سماهي
پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد، سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس:
مئنيجر
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد، سنڌ.

قيمت:
هيءُ پرچو ۸-۰۰ رپيا
ساليانو چندو ۱۵-۰۰ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro,
Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Baord's Printing Press, Hyderabad Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

## موجوده سماج ۾ اديب جي حيثيت:

اديب، شاعر ۽ فنڪار کي، سماج جي ذهني تربيت ۽ تشڪيل جو سنواريندڙ ۽ خالق سڏيو وڃي ٿو. سندن فڪري ۽ علمي ڪاوشون علم ۽ شعور، فڪر ۽ آگهيءَ جي شمعن کي روشن ڪن ٿيون. سندن قلم ۽ ذهن جي ڪاوش مان انساني زندگيءَ لاءِ صحتمند نقش، مثال، اشارا ۽ خاڪا تيار ٿين ٿا. 'اديب' جي انشاء لطيف، خطيب جي وجد آور جادو بيانيءَ، شاعر جي نغمه سنجيءَ ۽ ترنم ريزيءَ، مصوّر جي نقش گريءَ ۽ تصوير سازيءَ مان جي اصلاحي ۽ اخلاقي انقلاب پيدا ٿيا آهن، تن جو اثر انساني تاريخ ۽ سماج جي ردوبدل ۾، رجعت پرستاڻه خيالن جي ترديد ۾، توڙي ترقي پسنداڻه خيالن جي فروغ ۾ اڄ سوڌو قائم ۽ دائم آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته سقراط ۽ بقراط، غزالي ۽ ابن رشد، رومي ۽ شاهه ولي الله، لطيف ۽ سچل، رسل ۽ سارتري، جمال الدين افغاني ۽ عبده مصري، مولانا سنڌي ۽ سرسيد، ابن خلدون ۽ ٽوئن بي، ٽيگور ۽ نذرالاسلام ٻيا صاحب فڪر انسان بنيادي طرح سان قلمڪار ۽ دانشمند، اديب ۽ شاعر، خطيب ۽ فلسفي، مورخ ۽ محقق ٿي هئا. تاريخ اهو به تسليم ڪيو آهي ته ان قسم جي دانشمندن جي جدوجهد ۽ فڪرانگيز فن ۽ تحريرن انساني تاريخ ۾ 'تاريخ ساز' موڙ پيدا ڪيا آهن. انساني ارتقا جي تاريخ جو هر باب دانشمندن ۽ اهل قلم عالمن، باشعور شاعرن ۽ فڪر وارن ادبين جي فن ۽ فڪر جو مرهون منت آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هن صديءَ جي انسان ۽ ان جي فڪرانگيز صلاحيت ۽ ڪردار جي پيدا ڪرڻ ۾ هن دؤر جي باشعور شاعرن ۽ عالمن جي فن ۽ قلم جو وڏو حصو آهي. غلط ۽ رجعت پسند قدرن جي خاتمي، غير جمهوري نظام جي تبديلي، انسان دشمن تحريڪن جي سد باب، انسانن جي باهمي تصادم جي خاتمي ۽ ان سان گڏ زندگيءَ جي عالمي ۽ اخلاقي قدرن جي پيدائش، عالمگير مساوات ۽ اخوت جي جذبي جي آبياريءَ، طبقاتي ڪشمڪش ۾ سرمايه دارن ۽ جاگيرداراڻه نظام جي بدلائڻ توڙي غريب ۽ پورهيت طبقي جي داد رسيءَ ۽ حق رسيءَ جي باب ۾ هن دؤر جي ادبين ۽ شاعرن، عالمن ۽ محققن جو وڏو دخل رهيو آهي.

انسوس هي آهي تہ جنهن اديب ۽ شاعر جي ڪاوش مان مستفيد ٿي هڪ شاگرد اڳتي هلي هزارين رپيا ڪمائي ٿو، اهو اديب ۽ شاعر هرحال ۾ غير مستند بہ آهي ۽ ناقابل توجهہ بہ! موجوده سماج ۾ اديب ۽ شاعر جي حيثيت نہ زميندار جهڙي آهي ۽ نہ هاريءَ جهڙي، نہ تپيدار جهڙي نہ ماستر جهڙي، نہ پروفيسر جهڙي ۽ نہ ليڪچرار جهڙي. نہ هو داروغو آهي ۽ نہ سپروائيزر، نہ انجنيئر نہ جمعدار، نہ وڪيل نہ ڊاڪٽر! سچ پچ تہ سندس سماجي ۽ معاشي حالت ڪنهن آفيس جي 'پٽيوالي' جهڙي بہ ناهي!

هڪ دانشمند جي چوڻ موجب، "جتي يونيورسٽيءَ جي تعليم ختم ٿئي ٿي، اتان ڪان اسان جي طرفان تعليم شروع ٿئي ٿي."

'پٽيوالو' آفيس جي در تي 'هذامن فضل ربي' چئي ڏهہ-پندرهن رپيا روز ڪمائي ٿو، ۽ گهور ڪندڙ، چٽ ۽ جاهل ڇيبي يا گاڏيءَ کي گهليندي ويهارو رپيا روز ڪمائي ٿو، پيو نہ تہ ٽانگي وارو بہ چاليهارو رپيا روز حاصل ڪري ٿو. پر انهن سڀني جي مقابلي ۾ اديب ڪابہ حيثيت نٿو رکي. سندس دماغي ۽ قلمي ڪاوش کي پرکڻ لاءِ ڪوبہ معيار موجود ناهي. اديب ۽ شاعر جي فن ۽ شعور ۾ نہ ڪا تپيداري آهي ۽ نہ ڪا انجنيرنگ، نہ ڪو دڪانداري نہ ڪو سپروائيزري، نہ پيشہ ورانہ حيثيت ۽ نہ ڪا تاجرانہ قيمت، نہ وڪالت نہ وزارت!

اديب گويا اهڙي مظلوم ۽ اڇوت شخصيت آهي، جنهن جي شخصي ۽ سماجي حيثيت، پرورش ۽ ارتقا لاءِ 'سماج' وٽ ڪا گنجائش ئي ناهي! سندس فن ۽ فڪر جي ڪچ ۽ ماپ لاءِ سماج وٽ ڪي ماپا، ڪاٽا ۽ توراڙا ڪين آهن. اديب جي لکيل ڪهاڻيءَ کي اسٽيج تي آڻي لکين رپيا ڪمائي سگهجن ٿا، پر اديب کي فقط ٻہ-ٽي سؤ رپيا معاوضو مس ملندو! اديب جي ڪنهن فني شهپاري کي چند سَون تي خريد ڪري ڇاپي، هزارها رپيا ڪمائي سگهجن ٿا، ۽ مٿس هميشہ لاءِ حق ۽ واسطا قائم رکي سگهجن ٿا، پر اديب جي دائمي معاوضي جي ڪابہ وات نہ آهي. ان سلسلي ۾ 'سماج ۽ انصاف' ٻئي خاموش آهن، ڇالاءِ تہ بکيو ۽ ڏکيو اديب، اهل عيال وارو ڪهاڻيڪار خود ڪشي ڪري نٿو سگهي، پر ان جي مقابلي ۾ 'هوش جي سلامتيءَ سان' ۽ 'دل جي خوشيءَ سان' پنهنجي ذهني ۽ دماغي ڪاوش، ناشر جي حوالي ڪري سگهي ٿو، تنهنڪري اهو 'جرم' جرم ناهي، رضا ۽ خوشيءَ جو معاملو ۽ فيصلو آهي. بهرحال، اديب ۽ شاعر، عالم ۽ محقق جي اُن مجهول الحال ۽ معما واري شخصيت ۽ حيثيت لاءِ نہ خودي ۽ خودداري آهي ۽ نہ ان ۾ انفراديت، نہ ڪو معاشي سک ۽ نہ ڪو سماجي سهنج!

اديب ۽ شاعر مغربي عورت وانگر 'اديب' بڻجڻ لاءِ پنهنجي نام و نشان، شخصيت ۽ زندگيءَ تان بہ هٿ کڻي ٿو، جيئن ڪا گرل ابي-امان جي طرفان تہ 'ميري' ٿي ميدان ۾ اچي ٿي، پر 'فلپ' سان شادي ڪرڻ کان پوءِ فقط 'مسز فلپ' ئي رهجي ٿي وڃي؛ تيئن 'اديب'، 'محقق'، 'شاعر'، 'ڪهاڻيڪار'، 'ڊرامہ نويس' ۽ 'مصور' تمام ٿوري ۽ اڻ سهائيندڙ اجرت تي يا ڪٿي

## لافاني ڪلام

●

عشق الله جو سچو ڙي يار!
پيون سڀ ڳالهڙيون ڪوڙيون.

فاني دنيا سان دل نہ لڳايو،
آهير قند کان بچو ڙي يار!
پيون سڀ ڳالهڙيون ڪوڙيون.

بچڙن ڪمن کان واڪ ورايو،
نيڪ ڪمن ڏانهن اچو ڙي يار!
پيون سڀ ڳالهڙيون ڪوڙيون.

فقير ”غني“ چئي، دم تي نہ ڀُل تون،
آ ڻانءُ مٽيءَ جو ڪچو ڙي يار!
پيون سڀ ڳالهڙيون ڪوڙيون.

— سائين عبدالغني قادري

[وفات: ٢٢-مئي ١٩٣٨ع، ڪراچي]

# ١
# شعر

"موجوده وقت جي بدترين ۽ جنگ جي تباهڪارين کي ختم ڪرڻ لاءِ انسانذات ۾ محبت ۽ درگذر ڪرڻ جي ضرورت آهي: سنڌي ٻوليءَ ۾ انساني همدرديءَ ۽ محبت جي جذبن سان لبريز، "عظيم ادب" موجود آهي.

سنڌ جي سرزمين کي اهو فخر حاصل آهي جو ان شاهه لطيف جهڙو لاثاني ۽ لافاني شاعر ۽ صوفي پيدا ڪيو آهي. ان لحاظ کان، آءٌ سنڌ سان بيحد محبت ڪريان ٿي. شاهه هڪ عظيم صوفي شاعر آهي، ۽ سندس شاعرانا ڪردار جدوجهد ۽ نيڪ عمل جا مجسما آهن. شاهه انسانيت جي اعليٰ قدرن — محبت، مساوات، انڪساري، خدمت، پاڪيزگي ۽ وسيع النظريءَ کي نهايت دلپذير ۽ دلنشين انداز سان پيش ڪري، زندگيءَ ۽ ان جي صحيح قدرن کي روشن ڪيو آهي. — ڊاڪٽر انيمري شمل

# خليفو نبي بخش خان لغاري

(١٧٤٨-١٨٦٣ع)

## بيت

"ڪرڙي" ڪائي رت، پت نہ وجهي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جي، ويٺي پرکي پت،
جنين نيڻ نست، نينهن نہ لائي تن سين.

"ڪرڙي" ڪائي ماه، پيئي رت - پياليون،
ويني سڌي شاه، جو ڏيندو سر ڏياڄ جان.

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏيا، نونڌ نچندا پس،
ڇڏي تن ترس، پلٽيو شاه، پناڻ تي.

پره جهلندا پس، عَلم - طوق امير جا،
ڏڙ ڌرتئين گڏئا، لوٽون لُڇن لس،
حورون پائي هس، اچي وينيون اوڏڙيون.

ڪناري ۽ ڪات، من مرادون پُنيون،
رت پريائون وات، مانجهين هڏ مُڇائيا.

هلو هلو مانجهيا! ويرين وٺون وير،
جئڻ ٿورا ڏينهڙا، پوءِ ڪٽبا پير،
ٿيندو سڌ سوير، صبح شهيدن ڪي.

سوپون سر گهرن، سر ري سوپ نہ سچي،
سوپ برابر سسيون، توريان تان نہ تُرن،
جي هينڙي منجهہ هرن، سي مُل مهانگا سپرين.

سسي لئي سوپ، جي هوند پايان پاند ۾،
هي جڳ سوڏو لوپ، هو پڻ گهوريو گهوريان.

سؤ سسين ڏيئي، وڪ وٺجي هيڪڙي،
جنهن نيزي سر ڏيئي، سَرڪايو ميدان ۾.
(ڪيڏارو)

## ميون شاهہ عنات نصرپوري

(١٠٣٠-١١٢٥هہ)

### وائي

تر ٺاريلن ساڻ، يا الا! مون ڪِجهي آهي ڳالهڙي.

تو مُل تڪئا توشڪون، تون عمر سلطان ـ
يا الا! مون ڪِجهي آهي ڳالهڙي.

مون ڪتا سٿا کهہ جا، تن ويڙهيچن وچاڻ ـ
يا الا! مون ڪِجهي آهي ڳالهڙي.

پٿي م عمرڪوٽ ۾، تهن ڪٿيري ڪرجاڻ ـ
يا الا! مون ڪِجهي آهي ڳالهڙي.

الاهي "عنات" چئي، اي سيل رهندم ساڻ ـ
يا الا! مون ڪِجهي آهي ڳالهڙي.

# سيد اميدعلي شاهه

(١٢٠٠هه-١٢٨٥هه)

## ڪافي

ساري سڀ ڄمار، منهنجي بس پنيور ڪان.

پياري پنهل سان پرت گهڻيري،
سنجهي ايندا يا صبح سويري،
سورن ڪئي آهي دل اڪيلي،
راحم رب غفار... منهنجي بس...

سرتيون ساهيڙيون مون ڪي نه جهليو،
اوهين نه پنهنجي پاڻ ڪي پليو،
هوت ويو ٿم هتان هليو،
ڪاهي منجهه قطار... منهنجي بس...

"اميد علي" ڇئي آس نه لاهيان،
پاند پلو ويني پر لئي پايان،
هوت لئي هردم هنجڙون هاريان،
هوتن ڳڻ هزار... منهنجي بس...

# حيدربخش جتوئي "حيدر"

(۱۹۰۱ع-۱۹۷۰ع)

## غزل

ساقي! پيار جام جهان بين پري پري،
خودبين مشائخن کان پڇجي ٿيس پري پري.

تقويٰ ۽ زهد مان نہ ٿي اڄ تائين هڙ حصول،
شيخن ڏنو ٿي اهنج، اجايو ذري ذري.

ميخاني ۾ اچي تہ ٿيون مست و بيخبر،
پيرِ مغان جا پير چمون، سر ڌري ڌري.

مُلو سڙي ٿو بزم اسان جي ڏسي ڏسي،
سيني سندس ۾ ڪيني جي آتش ٻري ٻري.

فصلِ بهار آهه ۽ جنبش ۾ باغ آهه،
چڻ چڻ سماع جي ڪنان هينئون ٺري ٺري.

وه وا، سماع حو ٿيو پيدا اثر عجيب،
هر مست پنهنجي نفس جي اندر مري مري.

ڪر واعظا، زبان ڊگهي ۽ بلند بند،
بيهوش تي اثر نہ نصيحت ڪري ڪري.

الله ڪا هنن کي هدايت نصيب ڪر،
تہ قلب تن جو اصل سندن ڏي وري وري.

ناحق وڃائي دين ٿا دنيا خراب ڪن،
ڪائي ويو رياء، سندن جان، هري هري.

"حيدر" کي پهرئين ڏينهن ملي نعمتِ عجيب،
هن بحر ۾ ٿو پي پي، ٻڏي ۽ تري تري.

# شيخ اياز

## وايون

### (۱)

ڪارو ڪڙهندي، هو ساموندي جي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!

سڙهہ نہ آيا سير مان، سرتيون سج چڙهي!
ماڳ نہ موٽي آئيا!

ننگر ناڙيون سڀ ويا، ونجارا واسي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!

جن جي هوند هراس آ چتين چولين ڪي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!

جن جون ڳالهيون ڳائيون، پينر بندر تي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!

مالڪ اوتيو مالڪيون، تن کي ماريندي!
ماڳ نہ موٽي آئيا!
ماڳ نہ موٽي آئيا!

### (۲)

مينديءَ رتڙا ھُرڪشا، ھيرونءَ ڪامُرن ڀِر،
لڙو سيج لڪن ۾.

ڪيسين ڀِڪ ڪريان ڀرين! واھيري جي وير؟
لڙو سيج لڪن ۾.

آس نہ ڪوئي آسرو، سامهون واريءَ ڍير!
لڙو سيج لڪن ۾.

تون لي مارڳ مُند جو، ڪوهيارل مان ڪير!
لڙو سيج لڪن ۾.

## غزل

لارَ تُنهنجي لڳي آهيان لالٽا!
اُهُ سوني ميان، ڏينهن لاتهه گهٽا!

هيل َ پنهنجي چٽي مون ته ڳاڙهي رڱي،
ڳوٺ َ ڳالهون ڪيون ٿا ميلن ميهٽا.

ٻُڪ ڪنهن ڪي پرهه جي نه آ پئونهه تي،
آپ" ٻالهي ٻنڌي، چار تارن ڪٽا.

سِنڌُ جيئي سدا، سِنڌُ جيئي سدا،
راس آئي رلي، هُونهه اوچِتُ گهٽا.

اي 'اياز' اڄ وري ڏنڌَ ڏاڙا هنيا،
'روشني! روشني!' ڪن پيا ڪي چٽا.

( ٢ )

هانءُ سُنهنجو هرڻ، رِيتِ سُنهنجي رلي،
رات مون کي ستارا ستارا ملي!

روجهه رَمتا ٿيا ڪيرُ ڪنهن ڪان ٻڌي،
آپ" ڇا ڪان ڦيٽو، وڃُ ڪنهن تي ڪلي؟

ڪا تَرائي هُجي چانوَ ڇانئي هجي،
اڄ سُنهنجي ٻُجهي، مان پوان آهلي!

تو سوا نينگري، ڏيهه ساري ڏٺو،
ڊيل ڊولائتي لور تُنهنجي ٿلي!

ڪنهن نه ڄاتو 'اياز' آهه هي تو سوال،
ڏاتِ سارو جڳت، ڏات سوڙهي گلي.

( ٣ )

ڪُونج ڪَرڪي پئي ڪا اُتر پار جي،
ياد آئي اسان کي وَري يارَ جي.

اڄ آئي جي هَوا جيءُ جهوري وڌو،
سينگ ڇڪجي وَئي اوچتو سارَ جي.

ٿي ڪيا اڄ شفق ڦولَ آن ۾ ڦيٺا،
ڪانهه جهوليءِ پري پر مڱڻهارَ جي.

ڪيترن ڪَونپلن سان سَجايل هئي،
ٻانهن چو تو اُڪارڻ ڪئي ڏار جي.

اي 'اياز' اوچتو ڦٽُ ڪولي وئي،
چيت جي چانڊني، هيرَ ولهارَ جي.

# نظم

اڄ زندان جي تنهائيءَ ۾،
سي دولهه ٻنو دور ڏسان،
مان گهوري ٽڙڪا تارن جا؛
جن ڊنگ پڪا ديوارن جا.

هن آتش اڳايل ڌرتيءَ جا،
ٿي جن تہ لهوءَ جا لال لڪير،
جين چپ چپيا درياهن جان؛
جن وسَ ڪٿي ويساهن جان.

هو زنجيرن جي ڪڙ ڪڙ تي،
۽ بيوس بندي-خاني ۾،
مان پنهنجا پير نچايان ٿو؛
ڪو گيت نئون مان ڳايان ٿو.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو،
’ڪجهہ آهن منهنجون رت ڦڙيون،
اڄ رات لهوءَ جي چوليءَ ۾،
جي گيت لکن ٿيون ٻوليءَ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو،
’مون گيت چيا ڀر شاعر جئن،
جي آءٌ اڃهامان اوجهڙ ۾!
مون عمر نہ گهاري ٻڙ ٻڙ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو،
’تنهن آزاديءَ جي رستي تي،
مون جو بي گيت چيو آهي،
هڪ لمبو پنڌ ڪيو آهي.‘

( ٣ )

ڪلهہ ڇا نہ ڪجاوا چمڪيا ها!
۽ ڏينهن ٽتي ۾ واريءَ تپي،
ڇا جهاپا جهوڙا جهمڪيا ها!
هو ڇم ڇم گهنگهرو گوڏن تي!
ڇا جهانءِ هئي جهرنجهارن ۾!
ڪلهہ تڙڪا تڙڪا توڏن تي!
هر وک تکيري ٽيڪ ڏني،
ڪيڏالهن نظر مان ترڪي ويا؟
ڪيڏانهن ويا هو ڏِک ڏني؟
اڄ واٽن تي واجهالن ٿا،
۽ سڄ-سڀاڻا واريءَ جا،
ٻين ڪرهن لاءِ ڪنائن ٿا!
ڪجهہ سانگي مان ڪوس پريان!
ڀما اوٺي ايندا، اڄ ڪٿي،
ڪٿ چنجي، ڪهڙي وقت، پريان!

( ٣ )

جنهن وقت ۾ ڪنهن جو طوق ٽٽو،
مون اِئن سمجهيو:
جڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.
اي دنيا ڀر جا محڪومو!
اي مظلومو!
جي محڪوميءَ مان ڪوبہ ڇٽو،
مون اِئن سمجهيو
جڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.
ڪنهن هند ۾ منهنجي قاتل جا،
جي هٿ لڏيا،
يل مون کي ڏي ڪيڏو ۾ گهٽو،
مون اِئن سمجهيو،
جڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

( ٤ )

سچ وڏو ڏوهاري آهي—
روز اول کان ٻڌڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
گولي گولي ماريو ويو آ،
ڪڏهن زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهن ڦاهيءَ چاڙهيو ويو آ،
تيل ڪڙهائيءَ ڪاڙهيو ويو آ،
گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آ،
ڇونيءَ تان اڇلايو ويو آ:
ها، پر پوءِ بہ انهيءَ جي ساکي،
رهندي آئي ربت اڀاڳي!
جنهن جي من ۾ ڪاتُ هئي تو،
تنهن جو سارو ڇيڻُ ڪٺي تو!
اڄ تو وت مهمان ٿيو آ،
پر تو هي بہ ڪڏهن سوچيو آ!
ڪنهن مان تنهنجي باري آهي؟

# سروپچندر "شاد"

## وايون

(١)

اکڙيون روئن زاروزار، پيچ پنيءَ جو مينهن وٺو
گرجي گرجي هانءُ ڏاري ٿو، بادل ڪوڪ ڪٺو،
پيچ پنيءَ جو مينهن وٺو.
پل پل جرآ، ورڪ ورڪ ورهه، منهنجو من مٺو،
پيچ پنيءَ جو مينهن وٺو.
تون جو رسيي وئين مون کان، رالل، منهنجو پاڪ رٺو،
پيچ پنيءَ جو مينهن وٺو.
دُليا ڪٿ جان ڪوڙي آهي، تنهنجو سنگ سٺو،
پيچ پنيءَ جو مينهن وٺو.
اکڙيون روئن زاروزار،
پيچ پنيءَ جو مينهن وٺو

(٢)

پرجيي بادل آئيا،
ساوڻ ساماڻو، الا!
چيرڪيي چيرڪيي چورين جان، ڪنولين چال لڳائيا،
ساوڻ ساماڻو الا!
گرجيي گرجيي گاج، هاءِ، وري چاڪ چڪائيا،
ساوڻ ساماڻو الا!
پيچ پنيءَ جو ٿڙ ٿڙ مينهن، باجا برهه وڄائيا،
ساوڻ ساماڻو الا!
ڪن ڪن آهي ڪتر سوڙيو، ساوڪ رلگ رچائيا،
ساوڻ ساماڻو الا!
گل - بدن ڪي لوڏي پينگهه، واءُ وار آڏائيا،
ساوڻ ساماڻو الا!

جهرمر لاتيي سونهن ۽ ڪيڙي، نيزا نينهن ۽ لڳائيا،
ساوڻ ساسائو، الا!
دل دل سان ٿي دانهن اچي، دونهان درد دکائيا،
ساوڻ ساسائو، الا!
سار سڄڻ جي چنبڙ پٽي، ڪهايل چيت چمڪائيا،
ساوڻ ساسائو، الا!
اوڻ ساسائو، الا!

( ٣ )

سڀڪو ويٺو سون سهيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.

دولت - ڏونڊ تي ڪجهہ جان هرڪو ويٺو هڪ ٻيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.
خود غرضي ۾ ڪوٽ جا هرڪو ڪيلي ڪيت پيو ڪيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.
من - تارن ۾ تڙڦن نغما، ڪولي ڏسي جهي ڇيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.
ڪهاء ٻہ ڳل ڳلابي ٿيندا، پيار ڪهڻ جهي نيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.
ڦڙڪن جا ٿا موتي جرڪن، ڪير آهي جو ميڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.
دل جو درد نہ ڪوئي جاڻي.

( ٤ )

ڏوري ڏوري ڏٺم،
هنڌ پرانهون آهي پنهل جو!

رات اونداري، آ پنڌ واري، ڏيئن وانگي ڏٺم،
هنڌ پرانهون آهي پنهل جو!
راهہ اڻانگي، ريت ۾ رائو، گوڏي گوڏي ڪيم،
هنڌ پرانهون آهي پنهل جو!

وات وراڪو وسيهر جو، وڻ وڻ آهي آ وسُ،
ٻنڌ ٻرانهون آهي ٻنهل جو!

ٻير ٻيٺون ۽ ڪوڏا ڪهايل، سرهو آ ٻر سيسُ،
ٻنڌ ٻرانهون آهي ٻنهل جو!

ٻريو جي جوت جلهي جهنڙي ۾، چانڊوڪي چوڏس،
ٻنڌ ٻرالهون آهي ٻنهل جو!

ڏوري ڏوري ڏِسُ!

## گيت

(۱)

هي ٻَل تُنهنجو،
هي ٻَل مُنهنجو،
اڱڻي الاجي ڇا هوندو!
يار، رُسڻ مان ڇا ملندو؟

هي ٻل هير جي هيندوري ۾،
لڏندڙ خوشبو آهي گل جي؛
هي ٻل شام سمهي صحرا ۾،
مِٺڙي ٻولي آ ٻُلبُل جي؛
هي ٻَل ڪونه وري ايندو:
يار، رسڻ مان ڇا ملندو؟

هي ٻل چيٽ جي چانڊوڪي آ،
اڱڻي جي ڪاني ڪل ناهي؛
هي ٻَل ئي جڻ آهي حقيقت،
باقي ڇايا جو ڇَل آهي؛
هي ٻل امرت-رسُ ڏيندو:
يار، رُسڻ مان ڇا ملندو؟

هي ٻَل دل-ديوَل ۾ جڳمڳ،
ٻريو جي جوت جلائڻ جو آ؛
هي ٻل جلوو آ جوڀن جو،
هي ٻل نينهن نڀاهڻ جو آ؛
هي ٻل جيوَن-ڦَل ڦيندو:
يار، رُسڻ مان ڇا ملندو؟

# لوڪ گيت

توکي هيٺين جو هار ٺاهيان،
جي تون گهونگهٽ کولين!

ڪومل تن کي لڳي نه تيزڪو،
توکي اکڙين منجهه وسايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

تو لئه آليان جهرمر جهومر،
چٽ چٽ چنڊن هار گهڙايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

نيل ٽليلءَ ۽ ڪجل ڪانگسي،
چٽ چٽ چوليءَ ـ ٽل گهڙايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

ڇوڙو گهڙايان آسرالي مان،
آن تي ملا پٽ هنايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

چملهه چنبيلي ڏار نه لڄڪي،
تو لئه اگهن ۾ ڪوهه ڪٽايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

جا بولهي، امرت ـ رس گهولي،
تو لئه چٽ چٽ چير گهڙايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

پڌر جهڙا جيت ۾ ڏرين تون،
آءُ آٽ پنهنجا نين وڇايان؛
جي تون گهونگهٽ کولين!

---

ڪانگسي = ڦڻي. آسرالي = عمرڪوٽ.

# "سليم" ڳاڙهوي

## ڪافيون

*

منهنجو سوز بہ تون، منهنجو ساز بہ تون،
منهنجو عشق بہ تون، اعجاز بہ تون.

منهنجو سهر بہ تون، منهنجو ساهہ بہ تون،
منهنجو سهڻ بہ تون، منهنجو ساهہ بہ تون،
منهنجو روح بہ تون، منهنجو راز بہ تون.

منهنجو نينهن بہ تون، منهنجو ننگ بہ تون،
منهنجو چاهہ بہ تون، منهنجو چنگ بہ تون،
منهنجي آه بہ تون، آواز بہ تون.

منهنجي سونهن بہ تون، سينگار بہ تون،
منهنجو ٻُور بہ تون، منهنجو پيار بہ تون،
منهنجو همدم تون، همراز بہ تون.

منهنجو صبح بہ تون، منهنجي شام بہ تون،
منهنجي رمز بہ تون، منهنجي سام بہ تون،
منهنجو ناز بہ تون، انداز بہ تون.

منهنجو شعر بہ تون، منهنجو شوق بہ تون،
منهنجو گيت غزل، منهنجو ذوق بہ تون،
سنسار بہ تون، ممتاز بہ تون.

منهنجو عشق سدا آباد رهي،
تنهنجو حُسن هميشہ شاد رهي،
انجام بہ تون، آغاز بہ تون.

*

پيچ پنيءَ هو آبو ڀار، ساهہ سُڏيريو نين ٺري پيا.
ويل وڇوڙو وڄ مان ويڙو، دوست سليو دلدار؛
چاڪ چِٽا انگور وري پيا.
ميل ملڻ جي موسم آئي، ڇهٽ بسنت بهار؛
من جي ٺر تي ڦوڪ ڦري پيا.

آهــا شــاخ شــاخ ناهي، جا ڇڄي وڃي شجر کان،
جا پري رهي ٻرينء کان اهــا کهڙي زندگاني.

هي خزان جي ڪار ڇنجي، يا تــصــور باغبان جـو،
نہ بـهـار جـو تصوّر، نہ سـرور جـي نشاني.

اچــا رات ٻــات ڪاري، اچا مونجهہ من ۾ جاري،
ڪــوئــي آفتاب اڀــري ڪــري روشــنــي رواني.

## نظم

## خوشبو

رنگ رابيل جـو، سوسن ۽ سمن جي خوشبو،
روح منهنجي ۾ رچي تنهنجي دهن جي خوشبو.

خــونِ شــهـداء جــو قسم، رنگ ِ حنا جــو سوگند،
ساهہ سُرهــو ٿــي رڪــي لال هٽن جي خوشبو.

چــوطــرف چال ســان ٻــڪوي ۽ فــضــا ۾ ڦــهلــي،
تنهنجي ڳــالهين ســان ٿــئــي آهہ گلن جي خوشبو.

مُرــ منهنجيء ۾ لــکين لعل يمن جــا جرڪن،
زلــف تنهنجيء ۾ ڳــٿــي مشڪ ِ ختن جي خوشبو.

تنهنجي هستيء جــي طفيلي ۽ ادا جــي صــدقــي،
عطر عنبر جــي، گــلابــن جــي، چمن جي خوشبو.

شــرط آ ويجهو اچــي ويهہ ۽ جاچي ڏس تون،
منهنجي من مان ٿي اچي تنهنجيءَ من جي خوشبو.

روم جــا عــطــر ۽ شــيــراز جــا گلشن چاهن،
مست مون کي ٿي ڪري خاڪ ِ وطن جي خوشبو.

لاڏ ســان لام لُڏي، مست ٿــي مکڙي مُرڪي،
اي 'سليم' آهہ عجب تنهنجي ســخــن جي خوشبو.

حق ۽ حقيقتن جو جنهن کي نياز آهي،
ساري جهان کي آن جي آڏو نماز ٿيندو.
آن قافلي کي ڪامل منزل ۽ مانُ ملندو،
جنهن قافلي جو رهبر ميرِ حجاز ٿيندو.

## قطعا

روزشب واري رواني ڪين وڻجارا وسار،
هر حياتيءَ جو وکر مشبو رهيو ان ماڻ ۾؛
جنهن هٿان لُٽجي ويا راهي ۽ ڪيئي قافلا،
وقت جو ڏاڙيل اچشو ناهه ڪنهن جي اڻ ۾.

---

خودي، جنهن ۾ خدا وسري وڃي، تنهن کان پري رهجي،
تڪبر ۽ خوديءَ کي دور ۽ بيدم ڪري رهجي؛
خودي، جنهن سان خدا کان بعد هر شئي تي حڪومت آهه،
خودي، جا خالد و ضرار ۾ هئي سا سعادت آهه.

---

ڪنهن خار ۽ خزان جي شڪايت مان فائدو؟
پنهنجي ئي دل جي رَت سان خزان کي بهار ڪر؛
توکان وفا جو خير گهُري ٿو وطن عزيز،
اي دل! رڳو حسين بُتن سان نه پيار ڪر!



# نعيم دريشاڻي

## هائڪا

*

(١)

اسر جو جيت،
ڀڪي –
ڳائن ڪهڙا گيت.

مٿان ڪارو آسمان،
هيٺ –
ڇاڻ، ڇڪ، طوفان.

ميءُ گوڙ ڪيا گيهه،
ڀوسائي –
مٿان پنهنجو نيهه.

سانت، اونده، کهوڪ،
دور –
گدڙن جي ڪوڪ.

آءٌ تون رات،
چنڊ –
ڪڪرن جي بارات.

آءٌ بار بار،
ميسرائيون –
ڏيڏرن جي پڪار.

ڇت تي انبڙت،
ٻارن –
جي عدد ٻاهت.

جڳن جي جيت،
پيار –
ميءُ خسيس گيت.

آءٌ، چنڊ، ڪجهه، زن،
ٻڌن
گلَ، مجسر ڪتن.

هيٺ، آءٌ، ڪتاب،
(اڌ مرات) –
مٿان مرڪي ماهتاب.

اڪڙيون عرق عرق،
ڏڪڙو –
ڪيترو ٻيو فرق!

پورنماسي، واءُ موسيقاءُ،
تون –
آءٌ، اڻ ڪٽ ڇهاءُ.

*

(٢)

آءٌ تہ انسان،
ٻنان –
سمجهہ، سوچ، گيان.

وسو وسو ڪڪرو،
ساوا –
ڏيندا وڃو ٻڙرو.

ڇت تي ڇپر،
تنهنجا –
ڪيا ڪارا ڪڪر.

وڄ، واءُ، گوڙ،
آماس –
مينهن ۽ ماڻهوءَ پوڙ.

رڳو هيءُ پل،
پوءِ –
ڪوجهو، ڪنو، اجل.

اکيون بند، ڪائنات،
گهمي –
منهنجي رول ذات.

واهُ ھر گلاب،
ٽوڙي –
سدا ٿين شتاب.

رنگ، سڳنڌ، تازاڻ،
گلن –
منڊيو هيءُ مانڊاڻ.

شروع ڪان رت چاڻ!
ماڻهو –
ڪڏهن ٿيندين سياڻ؟

آءُ، رڳي پاٽ،
گهري –
گهري هڪ آساٽ.

تنهنجا سڀ انگ،
سڳنڌ –
گلن جا رنگ.

آءُ پاڻ گهاءُ،
پرين –
تنهنجو بہ پوتاءُ.

*

( ٣ )

آءُ هڪ خيال،
بنان –
ازل يا زوال.

گلن تي ماڪ،
جڻ –
تنهنجون اکيون غمناڪ.

لُڙڪ، دل، ڏڏا،
جڏهن –
پنهنجا هٿَ ڇـا.

وڏ ڙو آيو اڄ،
پرين –
روشنيون وسايو اڄ.

نت نئون گل،
تون –
رنگ، خوشبو، ڪـُل.

پتين ھر ڏار،
وقت –
هڪ تکي تلوار.

اکيون ڏين ڏنپ،
سڙيا –
خوديءَ جا ڪنپ.

شاديءَ جي رات،
اکيون –
سوال – جوابات.

## ٽڪرا

ناڪ ھر مينهن،
پرين پنهنجو نينهن –
آءُ هاڻ شينهن.

آءُ تنهنجو ترجمان،
تون منهنجو داستان –
چانڊوڪيون پنهنجو مڪان.

آءُ، تون، لازمان،
آءُ تون لامڪان،
آءُ تون گيان.

هوچي من، ٿيو سانگان،
هاڻ اپرندا طوفان –
سوپ تنهنجي انسان.

# ڪافيون

● حافظ "احسن" چنا

*

محب مٺا مٺار، سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

ساهه سيسي سان صدقو ڪريان، تــوتــان ســو ســو وار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

ڪامل پنهنجو قرب ڪرم ڪر، دوســت ڀــــــاهه ديدار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

شان سڄائي دلــبــر پنهنجو، ســون ۾ عـــيـــب اپار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

حجت توسان ڪهڙي هلايان، ڀــيـــرن جــي ڀـــيـــزار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

ڪامل منهنجون ڪوڙين ڪچايون، تون ڏوليــو ڏيکڻهار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

بيعد تنهنجا پال پــلايــون، لائــــق لــــک هـــــزار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

ڪيچي آهه تون قربون ڪاهي، واڳ وصــــل جــــي وار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

'احسن' تي ڪر ڪا احساني، ڪــامــل ڪــلــنـڳــيــدار،
سونهن ۾ تنهنجو ثاني ناهي.

● "غلام" اڙو

*

تنهنجي حسن سندا آثار لکين، آثار ڏسان يا توکي ڏسان،
سنسار ۾ سڀ اسرار سندهه، اسرار ڏسان يا توکي ڏسان.

جيڏانهن نگاهون سان ٿو ڪٿان، تيڏانهن سڄڻ بس تون ئي ستهون،
دلدار ســنــدهه ديــدار گــهــڻــا، ديــدار ڏسان يــا توکي ڏسان.

تنهنجي سونهن جي چا ساراهه ڪجي، تنهن حُسن کي ڪيئن وهوا ڪجي،
هن سونهن سندا سينگار سوين، سينگار ڏسان يا توکي ڏسان.
هر گل کي تنهنجو رنگ ۽ بُو، هر ڦل ۾ تنهنجي شيريني،
هيءَ باد صبا ۽ بهار ڏسان، گلزار ڏسان يا توکي ڏسان.
هن محب جي منهن ماوڪ ۾ تون ۽ ناز ۾ تون ۽ نگاهه ۾ تون،
هن منڙي مرڪ ۾ تون، رخسار ڏسان يا توکي ڏسان.
”غلام“ پيو هر وقت منا، پنهنجي ڏوهن سان تنهنجو ڪرم ڪجي،
هي ڏوهه وڏا يا ڪرم وڏو، پنهنجا پار ڏسان يا توکي ڏسان.

● بهاول خان لغاري

*

شال اچي آري، آري،
موني منهنجي ماڳ تي، لا.

جاني سڄاني چوري چڙي ويا،
ڏوهڻ سمجهي ڏاري ڏاري، شال اچي ......
ڦوڙائي تہ فراق جي الا،
جان منهنجي آ ڳاري ڳاري، شال اچي ......
اندر چاڪ چڪن ٿا سرتيون،
مهڻ لوڪَ جي ماري ماري، شال اچي ......
ڪنديس خان پنهل سان جيڏيون،
ڳالهه اها آءٌ ساري ساري، شال اچي ......
’بهاول‘ چئي بلوچ جو،
برهه لڳو تہ باري باري، شال اچي ......



١

# وايون

● شيخ عبدالرزاق "راز"

"ساون ۾سي مرتيون، سجڻ ساريو سون،"
مينهن پيجاني پون.
ورور واراڪا ڪري ۽ رم جهم لاتائون،
مينهن پيجاني پون.
وڄون وسڻ آئيون، جاڳيون اميدون،
مينهن پيجاني پون.
گهرگهر ۾ سلهار ٿيا، وريون واڌايون،
مينهن پيجاني پون.
پنيون منهنجي ڏيهه جون، سي ستاريون مايون،
مينهن پيجاني پون.
ٻهراڻن پاسو ڪيو، دل تان ڏوئي ٻون،
مينهن پيجاني پون.
پلر پيو پوکن ۾، ٿيون سنگهاريون سايون،
مينهن پيجاني پون.
سارنگ مون ۾ وس ڪيا، ۽ مون ۾ آهين تون،
مينهن پيجاني پون.

● "نقاش"

سانگ سيسيءَ جو سُور، ڇڏي هل سانگ سيسيءَ جو سور.
جالسين چندن چرندين چانگا، تانسين منزل ڏور،
ڇڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.
چتين ٿري پيچين ڪيو اچ ٻر ٻر ننگر جي ٻُور،
ڇڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

ڪويتا جي ڪوناريءَ ۾ وجهي، نين نچوڻي نُور،
چڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

ليڪ ڏگن جا، سوچ سچُوءَ جي، سنڌ سچي منصور،
چڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

ساهه وراڪو سنڌڙيءَ سان جيئن سينهن ڪُنڊيءَ جو پُور،
چڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

ڏگندڙ ڏاندو تنهي اسان جي، تاب پريو ٿئون تُور،
چڏي هل سالگ سيسيءَ جو سُور.

ديـن ڌرم جـي رکوالن کي نيبهه حُور قصُور،
چڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

آزاديءَ جـي متوالن جـو اٿـئي اهـو دسـتور،
چڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

لسانگـا اي 'نـقـاش' نـہ سڙلدا، مارينڌا مغرور،
چڏي هل سانگ سيسيءَ جو سُور.

● نصير "شاد" مرزا

ڏيئڙو ٻاري آءُ سـيـان تـون-
جل تـل تـئي اونداهه الـو لـو...

آت آيـهـريـن لـهـرين وچ ۾، پنهنجي جـيـونُ نـاوَ الـو لـو...
ڏيئڙو ٻـاري آءُ ميان تـون.

ٿو هرَ هيٺُ تون ٻيلو چو هيڻ، ڏيندئي ڪونه هيءُ چانءَ الـو لـو...
ڏيئڙو ٻـاري آءُ ميان تـون.

وات آوانـي، ڪُلـهي ڪـنـوانـي، مـٿـان هـي وَٿُ واءُ الـو لـو...
ڏيئڙو ٻـاري آءُ ميان تـون.

● ”عاجز“ آچر

ڪا ڏُکياري، پريت جي ماري، پريت ڪيو ٻچتائي، ڍوليا،
ويٺي نيرَ وهائي، ڍوليا.
ڪانگ اڏايو، جهاتيون پايو، سُور پيئي سرچائي، ڍوليا،
ويٺي نيرَ وهائي، ڍوليا.
هرهر هِڏڪي، ساجن سُڏڪي، درشن لئي واجهائي، ڍوليا،
ويٺي نيرَ وهائي، ڍوليا.
تو بن جاني، پريم ديواني، ڪنهن کي سُور سڻائي، ڍوليا،
ويٺي نيرَ وهائي، ڍوليا.
نينهن لڳائي، جيءُ جلائي، هوءِ وٺين تڙپائي، ڍوليا،
ويٺي نيرَ وهائي، ڍوليا.
آءُ پيارا، جيءُ جيارا، ”عاجز“ تي ٻاڏائي، ڍوليا،
ويٺي نيرُ وهائي، ڍوليا.



# گيت

● نصير "شاد" مرزا

امبر تان ڪو اوتي وينو ر‍ِم جهم برڪا ڏارَ،
هن رُت ۾ تون سائين مون ڪان ڏور نه ايڏو گهار.

پنهنجا ڪارا وارَ ورڪيڙي، هٿن هٿن واجهايان،
آس جو ديپڪ ٻاري مَن ۾، وَرو وَر واٽ نهاريان،
سورک مَن کي آهي پل پل، سانول تنهنجي سارَ،
هن رُت ۾ تون سائين مون ڪان...

منهنجو جوڀن ڀونر وانگي آهي ڀوتر ڀوتر،
رات سانت جي سيني ۾ اڄ ڇيڙيون گيت سدر،
تنهنجي راهن تي او سُپرين ڀيٽي وڇايان وارَ
هن رُت ۾ تون سائين مون ڪان...

● "نظير" ٽنڪڙائي

تنهنجي لبن جي لاٽ تان گهوريان،
اکر اکر اثبات تان گهوريان،
گهوريان چنگ و رباب ـ او سائين،
تُنهنجو واٽ گلاب.

آئون سيرو سيرو آهيان،
تنهنجي اڳيان ڇا ڳالهايان،
تون ڳالهاءِ جناب، او سائين،
تُنهنجو واٽ گلاب.

تنهنجي ٻوءِ سان جوڀن جرڪيا،
تقديرن جا ڪاڳر ڪڙڪيا،
نظر نظر ۾ ثواب، او سائين،
تُنهنجو واٽ گلاب.

وقت جي اوسيڙن کان اجو،
سڀ جي حجت کان تون ڏاڍو،
ڪير سهي پر تنهنجو تاب، او سائين،
تنهجو وات گلاب.

● "بشير" سيتائي

منهنجي سفر جا ساٿي يار، تڪڙو تڪڙو هل رهوار،
- تڪڙو تڪڙو هل رهوار.

مڪر دغا، نفرت جي دنيا،
هيڏي ڪوڙ ڪپٽ جي دنيا،
رت سان رڱيل رت جي دنيا،
ظالم ۽ ظلمت جي دنيا؛
جهر جهنگ جهڙو، خون خرابو، ويڙهه سند و آ هت وهنوار،
- تڪڙو تڪڙو هل رهوار.

ديس پرانهين ۾ هل ڪاهي،
صلح ۽ سانت جو جڳ جت آهي،
منهنجي سيني ۾ دل آهي،
پٿر ناهي، پٿر ناهي؛
ڏنو نه ٿيندو، ستو نه ٿيندو، ڪچ جو ڪاروبار،
- تڪڙو تڪڙو هل رهوار.

هتي بندي؟ جي بدبو آهي،
عزت، عصمت، وِڪنو آهي،
لوفر، لچ جو تاڪو آهي،
بشر، بشر لئه واڪو آهي؛
هستي آ راڪاسن جي بستي، هيتي نه آدم جو آثار،
- تڪڙو تڪڙو هل رهوار.

ڪيرچوي، دم ڪنهن وٽ آهي،
خنجر سان چٽ نرگهٽ آهي،
گهپ اندارو، پوسٽ آهي،
روح منهنجي لئه جهنجهٽ آهي؛
مک جو ساهه هلي جيت ساهيون، اتي آڏائي هل هڪوار،
- تڪڙو تڪڙو هل رهوار.

# نظم

● مرحوم علي محمد "خالدي"

## پارڪر

سنڌ ۾ قدرت جو هڪ اسرار آهي پارڪر،
زيب و زينت حُسن جو شهڪار آهي پارڪر،
سُنڌ ۾ سينهن جي لالہ زار آهي پارڪر،
مثلِ شاليمار جي گلزار آهي پارڪر،
سنڌ ۾ جڻ بره جي بازار آهي پارڪر.

ٿر جي وارياسين پٽن جو جوڙ ۽ جنسار خوب،
ٿر جي وارياسين پٽن جو حسن ۽ مينگار خوب،
ٿر جون وارياسي پٽون ٿيون دل جي لئبڪ نار خوب،
ٿر جون وارياسي پٽون بنجن هنئين جو هار خوب،
هر زبان تي چؤطرف چوڏار آهي پارڪر.

ڪيترا آثار آهن بي نشان بي نام هيت،
سنڌرن ۾ ويٺا آهن ڪيترائي "رام" هيت،
"جين" وارن پڻ هٺا ڳهاريا گهڻا ايام هيت،
"ٻڌ" جي آهن ڌرم جا اهڃاڻ ظاهر جام هيت،
مختلف ڌرمن سنڌو ديار آهي پارڪر.

آرين ڪان اڳ جي آهن وقت جا هيت غار پڻ،
"تپشيا" آهن ڪرڻ جا تن اندر آثار پڻ،
باه جي پوڄا سندا موجود آهن پار پڻ،
ديوتائن جا اتي آهن ڪبا وبچار پڻ،
پاڻ ۽ پوڄا جو هڪ منسار آهي پارڪر.

ڪيستائين چانڊوڪيءَ سان پنهنجو روح ريجهايان سان،
ڪيستائين يـــاد اوهان جي، پنهنجي دل سان لايان سان.

پنهنجي نيڻ ڪٽورن سان، اوتي اڄ الـفـت جـو آب،
دل جي مکڙيءَ کي او ساجن، هيڪر ڪر اڇي سيراب،

دل جي ٻستيءَ کي او ساجن، تنهنجي لئي آ مون سينگاريو،
ميٺي منهنجون سڀ اکلايون، واڳ وطن تي جلدي واريو.

رم جهم رُت آ ساوڻ آيـو، دل جي بلبل ته ٻه ويڳاڻي،
پيار جو ”گل“ آ، دور تنهن کان، جلدي جيون جـوت اجهاڻي.

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو



زور جي ميندي نہ لڳي آھ ڪڏھن، نہ لڳي ٿي سگھندي،
زور جي ميندي ۾ ڪي لڳايان ڇا لئہ؟

منھنجا بيوفا پرين!
منھنجي ھڪڙي آ تمنا باقي:
ڪاش اھا حقيقت بنجي،
بي چين الفت ڪي ڪجھہ تہ تسڪين ملي -
تہ جنھن ناز سان،
جنھن انداز سان،
جنھن چاھہ سان،
جنھن آتساھہ سان؛
جن جذبن ۽ امنگن جي گھرائي ۾ سان،
مون چاھيو ھو توکي،
تو سان پيار ڪيو ھو،
بيو ڪوئي خوش بخت اگر چاھي توکي:
شال خدا ڪري،
ائين ئي چاھي،
ائين ئي پيار ڪري.



# غزل

● "ذوالفقار" راشدي

●

رِڻ پَٽن تي رم جهم آيا برسڻ کي برساتي ماڻهو،
بيراڳين جيان بِنَ وڃائن ٻَر ٻه هي پرڀاتي ماڻهو.

آءٌ ئي هڪڙو جن جنهين کان جڳ سمورو تنگ، توائي،
پلئه پئي بيزاري، ڪلفت، ڏک آهن گهر-ياتي، ماڻهو.

راڄن، ساري راڄ ٻه آهن، باغي ڇهرا، باغي جوانيون،
تنهنجي خدائي ڪير قبولي، ڪونهي ڪو خيراتي ماڻهو.

اوسيڙي جي هيرَ اکين کي ڪيئن وِڄهن هي ڦول ٻدن جو،
کهڙي پت آ نند-ڀَڃَن کي ايندو ڪو آڏراتي ماڻهو.

هيءَ سپنن جي ٻوڙ ته آهي، اک-ڇنڀڻ جي سرحد تائين،
پاڻيءَ ڦوٽا هي سپنائي، خوابن جا لمحاتي ماڻهو.

ڏيل ڏمڪن جي ڏهڪايل کي، جاچي ڏسندو جو جهونجهڪڙي ٻه،
پرڻ سورو ٻهنوَ آهي، گيچڻ گيچڻ چاتي ماڻهو.

انساني آدَمين، ٻجي قيمي خاطر کهڙا خنجر آندءِ؟
کهڙيءَ ڏاهيءَ چڙهندڙيون سوچون، کهڙي ڪُهندي ڪاتي ماڻهو؟

مکڻي ٻوتي ٻه هاٿي کا جان نه آهي ليڪن، جاني،
ماڻهو سون لئه سوچن تا، يَرَ، آهي ڪو جذباتي ماڻهو.

● "سرويچ" سجاولي

●

کهُور گهُنڊ سان گهر اڳيان اڄ گهوٽ گهمُندي سون ڏٺا،
ٻير ٻيرين جا، ٻرين حورن کي چمندي سون ڏٺا.

صحن ٻه جنهن وقت ويهي، هُن سنواري سينڌ تان،
ستوَ ٻيجي سورج ويا، لک چنڊ ليڪندي سون ڏٺا.

● رحيم بخش "قمر"

●

اج رات رُنا نيڻ مٺا، اک نہ لڳي ڙي،
ڳوڙها ٿا ڳڙن تو کان سوا، اک نہ لڳي ڙي.

سُڏڪا هي سُٽي منهنجا، ستارن بہ رنو آهه،
پرڀات پيا ماڪَ ڦڙا، اک نہ لڳي ڙي.

هڪ تُنهنجي جهجڻ ۾ ٿي، ٿي رات ججهيري،
پيو راهه ڏسي نيڻ ٿڪا، اک نہ لڳي ڙي.

دنيا کي، زماني کي، ڏيان ڏوهه مان ڪوڙو،
تقدير ڪيو تو کان جدا، اک نہ لڳي ڙي.

پي زهر هي فرقت جو، مري، جيي بہ ڏلوسين،
محبوب مٺا ماهِ لقا، اک نہ لڳي ڙي.

ڪٿين جو "قمر" جهڪتو هولاريب لٿو آ،
ٿيڙو بہ هينئر چاڻ لٿا، اک نہ لڳي ڙي.

● نعيم تقوي

●

نفرت سان ڪر آهي ڳهڻ ڪي ويرجني ڪي پيارو آ،
قرب جو سنهن هن دؤر ۾ يارو ڪوڪو 'تقوي' پارو آ.

رشتا ناتا سيڻ سياڪا ڪوڙا ٿيا ڇاڪاڻ چئو،
روح پري پيو هر ماڻهوءَ جو ڏک جو ڪهڙو سيارو آ.

ماڻهو ماڻهوءَ جو ويري آ، ڪبر نبيريندو انسانُ،
اوريون ڪنهن سان سورءِ ڏکڙا ڪونہ هتي دل وارو آ.

لُڙڪ اکين ۾ سُرڪ ڇپن تي جيءُ جياري هلندا هلو،
چوندي حقيقت جڳ اندر انداز اسان جو نيارو آ.

انگ اگهاڙا پيٽ بکيا غربت جي واءُ جا لوساٽيل،
چيپاٽول جي ڏک جا آهن، قرب جني جو نعرو آ.

حُسن جي پوڄا ڪيو، ۽ حسن کي سجدا ڪيو،
هن عبادت کان سوا، ٻي بندگي ڪهڙي ٿي.

عشق شاهنشاه ريءَ هٿ ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿي.
نينهن ۾ سڀ نيڪ ٿيا، نيڪي بدي ڪهڙي ٿي.

پڻ ڏٺيءَ جا بيت مون لئہ رهنمائي راهه جي،
'راشدا' ريءَ شاهه، ٻي ڪا رهبري ڪهڙي ٿي.

● سومرو محمد اسحاق "راهي"

●

بهاروا دل جي گلشن ۾ نسيم نوبهار آئيو،
ڪلي لئہ تازگي آئيو گلن لئہ ڪو قرار آئيو.

رهن جيئن خوبصورت باغ جا شاخ و شجر هردم،
چمن جي حسن و رونق لاءِ دور خوشگوار آئيو.

جهان تيزگامي ۾ قدم کي تيز تر ڪريو،
نئون دور ترقي آ، ترقي باوقار آئيو.

رکو سجدن سان پوري ڪين ٿيندي ڪا نماز آهي،
ڪڏهن ميدان جو پي پختو دل ۾ انتظار آئيو.

رڪوع اهڙو ڪجي جو ڪربلا پي ماتمي بڻجي،
جبين ريزي ۾ غم آئيو ۽ سجدو سوگوار آئيو.

جمال يار جي هر حيثيت کي ڏسڻو آ قائم،
وقارن ۾ وقار آئيو ۽ حسن افتخار آئيو.

رهي هر ڪامراني آهي تاڪيد عمل "راهي"،
ارادا با ترقي ۽ عمل با اختيار آئيو.

● "پون" سنڌي

●

پاءِ تون سهڻا ڪج نہ گوري،
توکي ڪهڙي ڪل او پوري.

تنهنجو منڙو پيارو سڪڙو،
هرڪنهن کي تو گهائي ڇوري.

ڪنن ۾ والـيـون نڪ ۾ ٻولو،
سُهڻي سيند ڳچيءَ ۾ ڏوري.
تنهنجي سـنـدر سوڀيا ڀڪلي،
جان ۾ آئـي تـي ڪا هـوري.
چـور نـظـر سان سُرڪ ميٺي سان،
تـو تہ ’پون‘ جي دلڙي پوري.

● ”منير“ سولنگي

●

ڪارين اکڙين وارا سائين،
نظرون تنهنجون نيزا سائين.

تنهنجو جوين سانوڻ درياهہ، منهنجي جيون صحرا سائين.
جنهن سان هيڪر جيءُ ڪجي تو، تنهن سان ڪهڙا ليکا سائين.
تولئہ واتون روز نهارن، منهنجا نيڻ نراسا سائين.
داغ جگر جا جرڪن اهڙا، ٻاهہ ۾ ٻجرن ٽانڊا سائين.
تنهنجي ياد جو لاش ڪلهن تي، راهہ ۾ روئون وينا سائين.
سونهن سڄڻ جي سونَ سريکي، جهڙا وڄ وراڪا سائين.
عيب ’منير‘ ۾ چو تو ڳولين،
تون ۽ مان هڪجهڙا سائين



# قطعا

● ”ولي“ دائود پوٽو

( ١ )

ذهن جنهن کي جهڙي وڻي جهڙ ٻڻ،
ڳالهہ ننڍڙي هجي، نصيح هجي.
موت ماريندو نيٺ سڀ کي ’ولي‘،
عمر خضري هجي، مسيح هجي.

( ٢ )

اڄ تہ دل جي نگارخاني جا،
گل بہ ڪومائجي ويا آهن.
يا تہ مون ۾ سچاڻ آئي آهہ،
يا تہ هو ڇائجي ويا آهن.

( ٣ )

فسونِ ساز آهي زندگاني،
پراڻي قصي جي آ ترجماني.
هئي آدم ۽ عيسيٰ کي بہ ساڳي،
ٽنهن ڪيئن مان چوان آهي جواني.

( ٤ )

روح ڪيڏو اڪيلو آهي،
اڄ تہ هو ٻاڻ، ٻاڻ ڳولي ٿو.
جو مليو آ ’ولي‘، ڪئالن سان،
اڄ اهو ٻاڻ، ٻاڻ ڳولي ٿو.

( ٥ )

ٻن ڇڻن تا جڏهن بہ پتجهڙ ۾،
روح منهنجو اداس ٿي ٿو وڃي.
سوچ ڪيڏي اڏار ٻالي ٿي،
ماس کان ڏار ماس ٿي ٿو وڃي.

( ٦ )

موت تي مون جڏهن بہ سوچو آهہ،
مَن چيو: روح منتقل ٿيندو.
موت مرندو تہ ٻاڻ سڀ کو ’ولي‘،
پنهنجي گهر گهر ۾ مستقل ٿيندو.

( ٧ )

دل گهرين ٿو، ڏياڻ، کهڙي طرح،
مون تہ سهڪجهہ اڏار آندو آهہ.
ساهہ جيڪي، سرير ۾ آهي،
سو ’ولي‘ ڏينهن چار آندو آهہ.

---

# نيون طرزون

● "بشير" سيتائي

( ١ )
رُوح ا نہ ايڏو رو،
وج نہ تون وَهلئور،
سائي ناهي ڪو.

( ٢ )
وج نہ تون وَهلئور،
هر ويلو آ وِهُ؛
پِي وج سارو سُور.

( ٣ )
سڪ لئہ هن نہ سَن،
ڏکن سان ڏوري لهہ؛
پنهنجي دل جو چئن.

( ٤ )
پوتاري بنگلو،
اندر ڪانو ڪچ؛
عزت ڪان ڪنگلو.

( ٥ )
سازيءَ تي سازي،
اندر ناچ تَشو؛
رهندڙ سي پاڙي.

( ٦ )
ساهون بيٺي ڪار،
هت وڏايو سيٺ ڏي،
ڪنهن نماڻي نار.

( ٧ )
هئہ هئہ ڪيڏي ٻُڪَ،
ڪُتو بہ ڪاڏو آن؛
پوءِ بہ نہ پِري ڪُکَ.

[مائڪا]

( ٨ )
اوباشي عادت،
لچ پئي لوسانجي؛
غربت تي لعنت.

( ٩ )
ڪاني سهيو سنار،
ڀڪ ڪان ليئي پونءَ تي،
پاڪاري پيو پار.

( ١٠ )
در در جا ڏيلها،
اَندا اپا ڳن لال لئہ؛
ڏوڍا پاروتا.

● "اطهر" منگي

( ١ )
ايڏو هي انڌير،
سج پيو سُوريءَ ٽنگجي،
پڙڪ نہ ڪُنجي ڪِر.

( ٢ )
ڪُتا هلوو ڪالن،
ڪلڙن جهڙا پار ٿا،
ڳيي لئہ واجهالن.

( ٣ )
اهڙو سانهو چا!!
جنهن ۾ سانهوءَ جي،
بوءِ نہ آهي ڪا!!

اسان ليڪن لاتو لباهي وياسين،
ڪٺهن تان ڳرا بار لاهي وياسين.

زماني کي بخشي نئون ڏڳ هلڻ جو،
خدا جي خدائيءَ کي ناهي وياسين.

اسان جيون جي سُرندي کي وڄائي،
ترانا سؤت جا ڳائي وياسين.

امرتا جو مڌر سنگيت ڇيڙي،
جيئڻ جو راز سمجهائي وياسين.

سڄاڳيءَ جو سنيهو اُٿ سنائي،
هي سر ڏيئو آ ڌرتيءَ کان سائي.

نفعي نقصان جون ڳڻيون وڃهي پن،
سمورو سات اڳتي تاڻ سائي.

ڪجهي وئي جيڪا وک، هرگز نه ورندي،
اسان جو شان ناهي پٺتي موٽڻ.

اسان آپ تي آڌاسڻ لاءِ آهيون،
چڙي ڏي پير ميان ڌرتيءَ کي ڪوٽڻ.

اسان نئين سڄ نوان لغما ڳا ڳايون،
نئين بند ۾ نوان زنجير پايون.

ودي سپ سانگ سر جا سڄ" جي لئي،
اسان ڏئي سير جو رت، رنگ لايون.

بازن جي بهارين جا پَنا ڏينهن، مڻ اڄ،
ڪونجن جو ڪنڪ ڪوه منجهان ڪاهه ڪري ٿو.

مظلوم تو ظالم تي، ڪري وار، ودي ڪنڌ،
بس هاڻ نه نوڪيءَ سان ڪڌهن ناهه ڪري ٿو.

اڳي تند تپائي ڏئي ويو جڳ جڳ جو ويراڳ،
ديجا وچ مان ويئڙا نڪري، هڪ ٿيا پاڳ نپاڳ.

ذات چڏيا اڄ ڏور ڪري سپ سانگا سر جا سُورَ،
جاڄڪ پهتا جهونا ڳڙهه ۾، جهاڳي رات اجهاڳ.

# ۲

# مقالات

”انساني زندگيءَ کي صحيح طريقي سان وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ انساني فطرت جو شعور لازمي آهي. جيتريقدر طبعي قانونن جو تعلق آهي، اجوڪيءَ سائنس انهن کي سمجهڻ ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي، پر خود پنهنجي باري ۾ اسين اڃا ايترو به ڄاڻي نه سگهيا آهيون، جيترو اسين هين وقت ستارن ۽ اليڪٽرون وغيره بابت ڄاڻون ٿا. جڏهن سائنس انساني فطرت کي سمجهڻ لائق ٿي ويندي، ته پوءِ ٻاهِ اسان جي زندگيءَ کي راحت ۽ مسرت سان ٽمٽار ڪري ڇڏيندي — هڪ اهڙي راحت، جنهن کي پيدا ڪرڻ لاءِ مشينون ۽ سائنس جون پيون ڪوجنائون هيستائين ڪامياب نه ٿي سگهيون آهن.“ — برٽرانڊ رسل.

جو سندس مشهور ڪتاب ”ڪتاب التفهيم“ ڪيترين صدين تائين، علم هندسه جي مختلف شعبن لاءِ تدريس ۽ تعليم جي باب ۾ نهايت معياري ڪتاب ڪري پڙهايو ويو آهي. بلڪ اڄ تائين علمي مرڪزن ۾ ان ڪتاب کي دلي احترام سان پڙهيو وڃي ٿو. لاطيني مغرب ۾ ان ڪتاب کي اڄ تائين ”ڪوادري ويم“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

علم هندسه جي محققانه رسالن کان علاوه، هن سلسلي ۾ سندس هڪ محققانه رسالو موجود آهي، جنهن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته سج، زمين جي چوڌاري گردش ڪري رهيو آهي، يا زمين، سج جي چوڌاري گردش ڪري رهي آهي. سندس ان بحث جي تائيد موجوده دور ۾ پڻ ڪئي ويئي آهي.

ان طرح بيرونيءَ جو بي مثال ڪتاب ”القانون المسعودي“، علم هيئت متعلق مستند ڪتاب ڪري تسليم ڪيو ويو آهي، جنهن جو اڄ تائين اڃا پوريءَ طرح سان مطالعو به نه ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب ۾ علم هيئت جي قديم مسئلن ۽ دليلن، فيصلن ۽ نتيجن جي باري ۾ اهڙي مدلل معلومات پيش ڪئي ويئي آهي، جا ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ موجود ناهي. علم هيئت ۾ ان ڪتاب کي اهڙو ئي مقام حاصل آهي، جهڙو طب ۽ حڪمت ۾ ابن سينا جي ڪتاب ’قانون‘ کي حاصل آهي. بيرونيءَ جي ان ڪتاب ۾، بابلي ۽ يوناني علم ۽ فن کان وٺي، ايران ۽ برصغير پاڪ و هند جي فن تائين، وڏي جاکوڙ ۽ تحقيق سان علمي بحث موجود آهي. ان کان علاوه بابل ۽ يونان، ايران ۽ برصغير هند و پاڪ جي فني ۽ علمي عناصر ترڪيبيءَ کي ’ابتدائي اسلامي هيئت‘ لاءِ علمي ماخذ قرار ڏئي، يگانه روزگار علمي مقام حاصل ڪيو اٿس.

ان سلسلي ۾ تاريخ توڙي مختلف قومن ۽ سندن مذهبي تعليم ۽ عقيدن جي سلسلي ۾ بيرونيءَ جي مشهور ڪتاب ”الآثار الباقيه“ کي قديم ۽ قرون وسطيٰ جي واقعات لاءِ نهايت اهم ۽ مستند ماخذ ڪري پڻ تسليم ڪيو ويو آهي. ان جو ترجمو ’سخاؤ‘ ڪيو آهي. اها حقيقت آهي ته مختلف قومن توڙي قديم دنيا جي تاريخي واقعات جي تنقيد ۽ ڇنڊڇاڻ جي باب ۾، ’آثارالباقيه‘ کي غيرمعمولي اهميت ڏني ويئي آهي. ان کان سواءِ ان ڪتاب کي دستاويزي ترتيب جي حيثيت سان پڻ وڏو مقام ڏنو ويو آهي. ان ڪتاب جي افادي اهميت جو هي عالم آهي جو مورخ ۽ علم هيئت جا عالم هن ڪتاب مان، مذهبن جي تاريخ ۽ قومن جي حالات متعلق اڄ تائين حوالا نقل ڪندا اچن ٿا.

ان طرح بيرونيءَ کي ارضيات ۽ معدنيات جو پڻ وڏو ماهر تسليم ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه هڪ دواساز جي حيثيت ۾ به کيس امتيازي مقام ڏنو ويو آهي.

چنانچه طبقات الارض توڙي ارضيات ۽ ٻين مکيه مسئلن متعلق بيرونيءَ جا ڪتاب ”الآثارالباقيه“ ۽ ”تجديد نهايت الاماڪن“ پنهنجي فني تحقيق، صحت ۽ صداقت جي ڪري، حيرت انگيز قرار ڏنا ويا آهن. ان سلسلي ۾ برصغير پاڪ و هند متعلق نهايت درست معلومات ڏني ويئي آهي.

قسم جو مطالعو نهايت اهم آهي، ڇا لاءِ تہ ان طرح سان نہ فقط اسلام جي فڪري تاريخ جي هڪ ممتاز شخصيت کي سمجهي سگهبو، بلڪ ان سان گڏ عصر حاضر جي مسلمان سائنسدانن لاءِ هڪ نهايت عمدو نمونو پڻ پيش ڪري سگهنداسون. ڇو تہ بيرونيءَ جي زندگيءَ سان نہ صرف ثقافت ۽ روايات جو تعلق موجود آهي بلڪ بيروني غيرجانبداريءَ، حق پرستيءَ ۽ حق گوئيءَ جي سلسلي ۾ بہ هڪ مثالي شخصيت جو مالڪ آهي. لهاذا مناسب اهو آهي تہ بيرونيءَ جي سلسلي ۾ ساري دنيا جي عالمن ۽ محققن کي حصو وٺڻ گهرجي، جيئن بيرونيءَ جي علم ۽ فن توڙي فڪر ۽ نظر جي هر پهلوءَ تي معياري ۽ شاهڪار تحريرون پيدا ٿي سگهن.

ان سلسلي ۾ اهو بہ مناسب ٿيندو تہ مسلمانن جي اها عالمي برادري، جنهن جو بيروني بہ هڪ حصو آهي، خاص طرح سان ايراني هجن يا افغاني، تاجڪ هجن يا عرب هجن، ترڪ هجن يا پاڪستاني، هندستاني هجن يا ڪي بيا مسلمان هجن، اهي سڀ بيرونيءَ جي ثقافتي ورثي جا مالڪ آهن. ان ڪري سڀني مسلمانن تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي تہ بيرونيءَ جي ڪتابن ۽ تحريرن کي مختلف علمي حيثيتن سان مطالعو ڪيو وڃي.

آخر ۾ ائين چوڻ مناسب ٿو سمجهان تہ اسلامي دنيا ۾ سڀ کان زياده ايرانين تي اها ذميداري عائد ٿي ٿئي، ڇا لاءِ تہ ايراني ئي بيرونيءَ جي زماني واري 'اسلامي ثقافت' جا وارث آهن. ان ڪري ڪين گهرجي تہ هو نظر جي گهرائيءَ سان ان علمي ذخيري جو مطالعو ڪن، جنهن جو تعلق بيرونيءَ ۽ ان دنيا سان آهي، جنهن ۾ بيرونيءَ تربيت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي عمر گذاري.

اهو چوڻ بہ مناسب ٿو سمجهان تہ اهي ايراني عالم، جي بيرونيءَ جي همعصر فردوسيءَ جي شاعري ۽ بيرونيءَ جي دوست ابن سينا جي فلسفي کان واقف آهن، تن تي اهو بہ فرض آهي تہ هو بيرونيءَ جهڙي بي مثال سائنسدان ۽ عالم جي علمي ڪارنامن تي روشني وجهن: جو ايرانين جو بہ آهي تہ باقي پوري اسلامي دنيا جو بہ آهي، بلڪ ساري انساني دنيا جو بہ آهي.

ايراني عالمن ۽ حاڪمن، هن معاملي ۾ جنهن سنجيدگيءَ سان دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو آهي، ان مان اها اميد پيدا ٿي آهي تہ خود ايران ۾ بہ بيرونيءَ تي وسيع پيماني تي تحقيقي ڪم جو آغاز ڪيو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ پين علمي مرڪزن، توڙي شهرت يافتہ عالمن جو بہ تعاون حاصل ڪيو ويندو، جي دور دراز ملڪن توڙي قريبي علمي مرڪزن تائين ڦهليل آهن. خاص طرح سان اسلامي ملڪن ۾ ان قسم جي ڪوشش نظر اچي رهي آهي، جنهن ۾ هڪ عظيم ترين سائنسدان ۽ صاحبِ علم جي افڪار ۽ ڪتابن کي وسيع تر نموني ۾ اشاعت پذير ٿيڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو: جنهن مغرب ۽ مشرق جي ذهني زندگيءَ جي افق کي روشن ڪيو آهي.

[- پيام سحر ڪراچي، فيبروري ١٩٧٥ع تان ورتل]

دليا ۾ ان ڪتاب جو واحد دستخطي نسخو هو، جو پيرمحمد شاهه جي درگاهه احمدآباد (گجرات) جي مسجد جي ڪتبخاني مان هٿ آيو.

بيرونيءَ جو اهو ڪتاب هن کان اڳ ڪٿي به شايع نه ٿيو آهي. سخاوَ ۽ ٻيا مستشرقين عالم، توڙي ايراني فاضل هن ڪتاب جي نالي کان به واقف نه هئا.

هي ڪتاب محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، وائس چانسيلر سنڌ يونيورسٽيءَ جديد اصولن موجب ايڊٽ ڪري حواشي ۽ مقدمہ سميت ۱۹۷۴ع ۾ شايع ڪرايو آهي. متن ۱۳۴ صفحا آهي ۽ مقدمو ۽ حواشي ۷۴ صفحن تي مشتمل آهي. فهرستن ۽ ديباچن سميت ڪتاب ٻي سؤ کن صفحا ٿيندو.

(ج) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ترڪيءَ جي دؤري ڪندي، ڪتبخاني ۾ رکيل هڪ جلد 'متفرقات' مان ڪي صفحا بيروني‌ءَ جي ڪنهن ڪتاب جا پڻ هٿ ڪيا آهن ۽ انهن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون نهرايون آهن. ڊاڪٽر صاحب انهن چند ورقن تي تحقيق ڪري رهيو آهي. اڃا تائين ڪتاب جي نالي جي خبر پئجي نه سگهي آهي. —غ. م. گ



تي جي حرف آڪريل آهن، سي مسند نہ آهن، بلڪ نبطي آهن. زبان حميري نہ آهي بلڪ شمالي عرب جي زبان يعني بعني عدنان وارن جي زبان آهي. سن ۰۰ع۴ تائين اها زبان اتر عربستان ۾ رائج هئي. ڪُو ويش اهي ساڳيا حرف ساري عربستان ۾ استعمال ٿيندا هئا. انهن ئي حرفن رفتي رفتي ڪوفي خط جي شڪل اختيار ڪئي، جو اسلام کان ھڪ سؤ سال اڳ جي زماني کان وٺي خليفي مامون جي زماني تائين استعمال ٿيندو رهيو. مصحف مجيد بہ پهريائين ڪوفي خط ۾ لکيو ويندو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ حرفن جدا جدا صورتون اختيار ڪيون، تان جو هلندي هلندي هن خط جون ويهن کان مٿي صورتون بنجي پيون. هيءَ حالت تيسين قائم رهي جيسين ابن مقلہ ۳۲۵ھ ۾ نسخي خط ايجاد ڪيو، جو اڄ تائين استعمال ٿيندو پيو اچي.



ڊاڪٽر شيخ محمداڪرام مرحوم لکي ٿو:

"اسان اوائلي چشتي بزرگن بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۾ فقط "فوائد الفواد"، "سيرالاولياء" "۽سيرالعارفين" تي اعتماد ڪيو آهي. "خيرالمجالس" ۽ جوامع الڪلم" ۾ شڪ شبهي ڪان سٺي نظر اچن ٿيون. باقي ملفوظات يعني "انيس الارواح"، "دليل العارفين"، "فوائدالسالڪين" ۽ "راحة القلوب" جي حيثيت مشتبہ آهي، ۽ غالباً اهي سڀ وضعي آهن."(٤)

شيخ اڪرام مرحوم انهن جي وضعي هجڻ جو سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي:

"اڪثر ملفوظات، جيڪي اڄڪلهه ڏسڻ ۾ اچن ٿا، انهن ۾ مافوق الفطرت عنصر غالب آهي."(٥)

حقيقت ۾ اها آهي ته مافوق الفطرت عنصر ته چشتي بزرگن جي سمورن ملفوظات جي ڪتابن ۾ ملي ٿو، صرف انهيءَ ڳالهه جي ڪري ڪن ملفوظات کي وضعي سڏڻ ۽ ڪن تي اعتماد ڪرڻ جو ڪو جواز نہ ٿو ملي. جيڪڏهن وضعي آهن تہ سمورا وضعي آهن، پر جيڪڏهن شڪ-ڳاڌئين ڳالهه نہ آهي، تہ پوءِ اها سڀني ملفوظات بابت چئي سگهجي ٿي. البتہ انهن ملفوظات بابت هيءَ ڳالهه صحيح آهي تہ ڪٿي ڪٿي سن غلط آيل آهن، ۽ ڪن ڪن جاين تي تہ واقعا بہ ڪي قدر غلط آيل آهن.

ان جي باوجود هي ملفوظات جا ڪتاب قيمتي سرمايو آهن، جن ۾ تصوف جا اسرا ۽ رموز بہ بيان ڪيل آهن، تہ بزرگن جون حڪايتون بہ آنديون ويئون آهن؛ قرآني آيتن جو تفسير بہ بيان ڪيو ويو آهي، تہ احاديث نبوي جي سمجهاڻي بہ ڏني ويئي آهي؛ بزرگن جا مقولا بہ آندا ويا آهن، تہ ناصحانہ نڪتا بہ بيان ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ انهن بزرگن ۽ ٻين ڪيترن بزرگن جي عقيدن ۽ نظرين، عملي زندگي ۽ سوانح حيات بابت معلومات بہ ملفوظات ذريعي حاصل ٿئي ٿي. نہ فقط ايترو، پر ملفوظات ۾ ان دؤر جي معاشي ۽ معاشرتي حالات جي عڪاسي بہ نظر اچي ٿي. ادبي نقط نگاهہ کان بہ ملفوظات جي هڪ اهميت آهي، ڇاڪاڻ جو هنن جي ذريعي ڪيترا اعليٰ درجي جا شعر محفوظ ٿيا آهن. ان کان سواءِ برصغير ۾ فارسي جي نثري ادب ۾ ان قسم جي اسلوب بيان جو رواج پيو. هڪ خاص ڳالهه هيءَ بہ آهي، تہ بزرگن ڪنهن موضوع تي بحث ڪندي، ڪن اهڙن ڪتابن جا نالا بہ ڪنيا آهن، جن مان اڪثر هينئر ناياب آهن. هنن ملفوظات ۾ انهن ناياب ڪتابن جا نالا ۽ ڪجهہ قدر اقتباسات محفوظ رهجي ويا آهن. مثلاً "دليل العارفين" ۾ هيٺين ڪتابن جا نالا ملن ٿا:

(١) تفسير امام خواجہ ابوالليث سمرقندي. (٢) عمده، جنيد بغدادي. (٣) فقہ اڪبر، امام ابوحنيفہ. (٤) صلواة مسعودي. (٥) شرح امام زاهد. (٦) واسعہ امام يحيٰ حسن زندوسي. (٧) فقہ هدايہ ۾ خواجہ عثمان هاروني‌ءَ جي هٿ لکيل حديث. (٨) تفسير محبوب قريش. (٩) اسرار الاولياء. (١٠) جامع الحڪايات. (١١) فتاوي طهريہ. (١٢) اسرارالعارفين. (١٣) شرح مشائخ. (١٤) ڪتاب محبت، مولانا شرف الدين. وغيره(٦)

مٿي ذڪر ڪيل خوبيون ۽ خصوصيتون چشتي بزرگن جي ملفوظات سان گڏ ٻين طريقن جي بزرگن جي ملفوظات سان گڏ به لاڳو آهن. يعني اهي ڳالهيون ٻين بزرگن جي ملفوظات ۾ به ملن ٿيون. مثلا شاهه ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ۾ شاهه ڪريم جي زندگيءَ جو احوال بيان ٿيل آهي، ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي بزرگن بابت حڪايتون آيل آهن. ان سان گڏ ان دور جي سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي به ملي ٿي؛ ۽ سنڌ جي تاريخ بابت نهايت قيمتي معلومات بہ مهيا ٿئي ٿي. قرآن شريف جون آيتون، حديثون، اقوال، سنڌي ۽ فارسي ابيات ۽ ڪتابن جا نالا به ملن ٿا. ڪتابن جي سلسلي ۾ هيٺين ڪتابن جا نالا ملن ٿا:

١- ڪنز (ڪنز الدقائق): فقه حنفي جو ڪتاب، جيڪو عبدالله بن احمد بن محمود النسفي (وفات ٧١ھ) جو لکيل آهي.

٢- ڪافيه: علم نحو جو ڪتاب، جيڪو شيخ جمال الدين بن حاجب (وفات ٦٤٦ھ) جو لکيل آهي.

٣- قدوري: فقه جو ڪتاب، شيخ ابوالحسن احمد بن محمد البغدادي (وفات ٤٢٨ھ) جو لکيل آهي.

٤- فصوص الحڪم: تصوف جو ڪتاب، جيڪو شيخ محي الدين ابن عربي (وفات ١٢٤١ع) جو لکيل آهي.

٥- لمعات: تصوف جو ڪتاب، جيڪو شيخ فخرالدين عراقي (وفات ١٢٨٩ع) جو لکيل آهي.

٦- ڪشف الاسرار: تصوف جو ڪتاب، جيڪو شيخ علي هجويري المعروف به داتا گنج بخش (وفات ١٠٧٢ع) جو لکيل آهي(٧).

ان تمهيد ۽ تعارف کان پوءِ ٻهريائين چشتي بزرگن جي ملفوظات جو تعارف ڏنو وڃي ٿو. بعد ۾ ٻين بزرگن جي ملفوظات جو تعارف پيش ڪيو ويندو.

## چشتي بزرگن جي ملفوظات جو تعارف

١- انيس الارواح: خواجه عثمان هارونيءَ جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس مريد خواجه معين الدين چشتي اجميري (وفات سن ٦٣٣ھ/١٢٣٥ع) مرتب ڪئي(٨).

٢- دليل العارفين: خواجه معين الدين اجميريءَ جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس مريد خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي (وفات ١٢٣٥ع) مرتب ڪئي. هيءَ ملفوظات ان وقت کان لکڻ شروع ڪيائين، جڏهن سندس ملاقات خواجه صاحب سان بغداد جي سمرقندي مسجد ۾ ٿي(٩).

٣- فوائد السالڪين: خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس مريد خواجه فريد الدين گنج شڪر (وفات محرم سن ٦٦٦ھ/١٢٦٧ع) جي قلمبند ڪيل آهي(١٠).

٤- راحت القلوب: خواجه فريد الدين گنج شڪر جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس مريد خواجه نظام الدين دهلوي (وفات ١٣٢٥ع) مرتب ڪئي(١١).

(د) خواجه غريب جي ملفوظات جو چوٿون مجموعو به هو، جيڪو خواجه حميد قلندر جمع ڪيو هو، جيڪو هينئر ناپيد آهي. ان جو ذڪر خواجه حميد قلندر "خيرالمجالس" ۾ ڪيو آهي.(٢٠)

١٢- خيرالمجالس: هيءَ ملفوظات حضرت خواجه نصيرالدين محمود چراغ دهلي (وفات ٧٥٦هه=١٣٥٦ع) جي آهي: جيڪو حضرت خواجه نظام‌الدين اولياء جو مريد هو، ۽ مرشد جي وفات کان پوءِ سندس جانشين ٿيو. هن ملفوظات جو مرتب خواجه حميد قلندر آهي، جيڪو شيخ برهان‌الدين غريب جي ملفوظات جو مرتب به آهي. مرتب هن ملفوظات جو ڪم سن ٧٥٥هه (١٣٥٤ع) ۾ شروع ڪيو، ۽ سن ٧٥٦هه (١٣٥٥ع) ۾ مڪمل ڪيو.(٢١)

١٣- مفتاح‌العاشقين: هيءَ به خواجه نصيرالدين محمود چراغ دهلي جي ملفوظات آهي، جيڪا محب‌الله مرتب ڪئي. هن ۾ ڏهن مجلسن جي رونداد آهي، پر تاريخ ڪٿي به ڄاڻايل ڪانهي.(٢٢)

١٤- مونس‌الارواح: هيءَ به خواجه نصيرالدين محمود چراغ جي ملفوظات آهي، جيڪا شهزادي جهان آرا جي مرتب ڪيل آهي.(٢٣)

١٥- جوامع‌الڪلم: خواجه نصيرالدين محمود چراغ جي مريد سيد محمدالحسني الملقب به بنده گيسودراز (وفات سن ٨٢٥هه=١٤٢١ع) جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس فرزند سيد حسين محمدالحسني المعروف به سيد محمد اڪبر جمع ڪئي. هن جي ابتدا ١٨ رجب سن ٨٠٣هه (٥- مارچ ١٤٠١ع) کان ٿئي ٿي، ۽ ٢٣- ربيع‌الثاني سن ٨٠٤هه (٣٠- نومبر ١٤٠١ع) تي ان جو اختتام ٿئي ٿو.(٢٤)

حضرت گيسودراز جي هن ملفوظات کان سواءِ سندس ٻيا به ملفوظات جا چار ڪتاب مرتب ڪيا ويا، جن مان ۾ ساڳي ماڻهوءَ يعني سندس وڏي فرزند سيد محمد اڪبر، هڪ دهليءَ ۾ ۽ ٻيو گجرات جي سفر ۾ مرتب ڪيو. ٽيون مجموعو سندس مريد قاضي علم‌الدين پڙوچي سن ٨١١هه (١٤٠٨ع) ۾ گلبرگ ۾ مرتب ڪيو. چوٿون مجموعو سندس مريد ۽ خليفي شيخ علاؤالدين گواليارِيءَ ١٩- ربيع‌الاول سن ٧٧٤هه (١٥- جنوري ١٣٧٣ع) کان "انوارالمجالس" جي نالي سان مرتب ڪرڻ شروع ڪيو. پر انهن مان ۾ وڌيڪ مشهور "جوامع‌الڪلم" آهي.(٢٥)

نقشبندي بزرگن جا ملفوظات:

(١) هيٺين بزرگن جون مختصر ملفوظات هڪ ڪتاب ۾ ملن ٿيون.(٢٦):

(i) خواجه بهاؤالدين نقشبندي (وفات ٧٩١هه=١٣٨٨ع)

(ii) مولانا شمس‌الدين رومي.

(iii) خواجه محمد پارسا (وفات ٨٢٢هه=١٤٩٢ع).

(iv) مولانا عبدالرحمان جامي (وفات ٨٩٨هه=١٤٩٢ع).

(v) مولانا سعدالدين ڪاشغري (وفات ٨٦٠هه=١٤٥٦ع).

سلطان فيروز تغلق سهرو ساماڻ جي سلسلي ۾ دهليءَ کان ٻاهر ويل هو، انهيءَ ڪري ڪيس دهليءَ ۾ ڏهه مهينا رهڻو پيو. انهيءَ دوران ساڻس سندس مجلس ۾ اچي ڪانئس مذهب، فقه ۽ تصوف بابت سوال ڪندا هئا.

(الف) جامع العلوم: انهن محفلن ۾ سوالن جوابن ۾ جيڪي ڪجهه فرمايائون، اهو سندس هڪ مريد ابو عبدالله علاؤالدين علي بن سعد بن اشرف دهلويءَ "جامع العلوم" جي نالي سان مرتب ڪيو. بزرگ سن ٧٨١هه (١٣٧٩ع) ۾ دهليءَ ويو. انهيءَ ڪري هن ملفوظات ۾ ٢٨- ربيع الثاني سن ٧٨١هه (٩- ڊسمبر ١٣٧٩ع) کان ١٦- محرم سن ٧٨٢هه (١٠- آگسٽ ١٣٨٠ع) تائين بزرگ جي گفتگو قلمبند ڪيل آهي. ان جو اردو ترجمو "الدارالمنظوم في ملفوظ المخدوم" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو آهي. (٣٣)

(ب) سراج الهدايه: مخدوم جهانيان جهان گشت جي هيءَ ملفوظات سندس مريد احمد برني مرتب ڪئي. هن جا نوَ باب آهن، جن ۾ احاديثِ پيغمبر، مسائل فقه، احڪامِ شرع، قصص الانبياء، پيرو مريد جا تعلقات، حڪايات و لطائف ۽ عربي ۽ فارسي اشعار آندا ويا آهن. (٣)

(ج) خزانهٔ جلالي: اصل نالو "خزانة الفوائد الجلاليه" اٿس، پر "خزانهٔ جلالي" جي نالي سان مشهور آهي. مخدوم جهانيان جهان گشت جي هيءَ ملفوظات سندس مريد احمد المدعو به بها بن حسن بن محمود مرتب ڪئي. (٣٥)

(د) جواهر جلالي: هيءَ ملفوظات مخدوم صاحب جي مريد ۽ خليفي فضل الله بن ضياء العباسي سن ٧٨١هه (١٣٧٩ع) ۾ مرتب ڪئي. (٣٦)

متفرق بزرگن جا ملفوظات:

١- ملفوظات مولانا روم: مولانا جلال الدين رومي (وفات سن ٦٧٢هه = ١٢٧٣ع) جي ملفوظات "فيه مافيه" جي نالي سان سندس فرزند سلطان بهاؤالدين سن ٧١١هه (١٣١١ع) ۾ مڪمل ڪئي. (٣٧)

٢- معدن المعاني: هيءَ ملفوظات فردوسيه سلسلي جي بزرگ حضرت شيخ شرف الدين يحيٰى منيري (وفات ٧٨٢هه = ١٣٨٠ع) جي آهي، جيڪا سندس مريد مولانا زين بدر عربي مرتب ڪئي. هيءَ ملفوظات ٻن جلدن ۾ آهي، ۽ ان ۾ سن ٧٤٩هه (١٣٤٨ع) کان سن ٧٥١هه (١٣٥٠ع) تائين ملفوظات آهن. حضرت شيخ يحيٰى منيري، حضرت خواجه نظام الدين اولياء دهلويءَ جو همعصر ۽ حضرت نجيب الدين فردوسي دهلويءَ جو مريد هو. سندس رشد و هدايت جي ڪري فردوسيه سلسلو بهار ۾ پکڙيو. سندس مزار بہ بهار ۾ آهي. (٣٨)

٣- خوان پر نعمت: هيءَ بہ حضرت شيخ يحيٰى منيريءَ جي ملفوظات آهي، جيڪا ساڳئي ساٿي مولانا زين بدر عربي مرتب ڪئي. هن کي "معدن المعاني" جو ٽيون جلد سمجهڻ گهرجي. (٣٩)

٤- مخ المعاني: حضرت شيخ يحيٰى منيريءَ جي هيءَ ملفوظات شيخ شهاب الدين عماد مرتب ڪئي. (٤٠)

٥- راحت القلوب: حضرت شيخ يحيٰ منيريءَ جي هن ملفوظات جو مرتب بہ مولانا زين بدر عربي آهي. هيءَ ملفوظات ١٩٠٣ع ۾ ڇپي آهي(٤١).

٦- انهن کان سواءِ حضرت شيخ يحيٰ منيريءَ جي هيٺين ملفوظات جا نالا بہ ملن ٿا، جيڪي اڃا تائين ڇپيون نہ آهن: "ڪنز المعاني، مغز المعاني، گنج لايعني، مونس المريدين، تحفهٔ غيبي، ملفوظ الصفر ۽ برات المحققين (٤٢)."

٧- لطائف اشرفي: هيءَ حضرت سيد اشرف جهانگير سمناني (وفات ٨٠٨هه/١٤٠٥ع) جي ملفوظات آهي؛ جيڪا حضرت نظام الدين يمني مرتب ڪئي. هيءَ ملفوظات سن ١٨٧٨ع ۾ نصرت المطابع دهليءَ مان ڇپي آهي ۽ ٩٠٠ صفحن تي مشتمل آهي. ان جو اردو ترجمو مشير احمد ڪاڪوريءَ سن ١٩٤٣ع ۾ ڪيو. هي مڪمل ترجمو نہ آهي، پر سڄي ڪتاب جو خلاصو آهي؛ ۽ ٽن-ٽن سَوَن صفحن جي ٻن جلدن تي مشتمل آهي.

حضرت سيد اشرف سمناني، سمنان جي بادشاهہ ابراهيم جو فرزند هو. والد جي وفات کان پوءِ بادشاهي ڇڏي مخدوم جهانيان جهان گشت جي خدمت ۾ اچ پهتو. ان جي ئي چوڻ تي بنگال وڃي شيخ علاؤالدين علاؤالحق بن اسعد جو مريد ٿيو. ١٢ سال مرشد جي خدمت ۾ رهيو، جنهن کيس "جهانگير" جو لقب ڏنو. ان کان پوءِ "روح آباد" وڃي وسايائين، جنهن کي هينئر ڪڇوڇہ شريف سڏيو وڃي ٿو. سندس مزار بہ اتي ئي آهي(٤٣).

٨- ملفوظات احمد مغربي: بزرگ احمد مغربي المعروف بہ شيخ احمد کٽو (وفات ٨٤٩هه/١٤٤٥ع) گجرات جي وڏن بزرگن مان هو. "کٽو" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو اجمير شريف جي پرسان آهي. سندس مزار "سرکج" ۾ آهي، جيڪو احمد آباد جي پسگردائيءَ ۾ آهي. بابا اسحاق مغربيءَ جو مريد هو، جيڪو "کٽو" ۾ ڪامل درويش ٿي گذريو آهي. سلطان احمد شاهہ گجراتي شيخ احمد کٽو جو مريد هو، جنهن جي درخواست تي شهر احمدآباد جو سنگ بنياد سن ٨١٠هه (١٤٠٧ع) ۾ هن بزرگ رکيو. جيئن تہ مرشد ۽ مريد جو نالو "احمد" هو، انهيءَ ڪري شهر جو نالو "احمد آباد" رکيو ويو.

شيخ احمد کٽو جي ملفوظات سندس مريد محمود بن سعيد ايرجي "تحفة المجالس" جي نالي سان جمع ڪئي(٤٤).

٩- تبريز: ٻارهين صدي هجريءَ جي بزرگ سيد عبدالعزيز دباغ جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس مريد احمد بن مبارڪ سلجماسي مرتب ڪئي.

١٠- بحرالحقائق: هيءَ ملفوظات وجيه الدين علويءَ جي آهي، جيڪا اڃا تائين قلمي حالت ۾ آهي(٤٥).

١١- جمعات شاهيہ: هيءَ قطب عالم (وفات ٨٥٧هه/١٤٥٣ع) ۽ شاهہ عالم (وفات ١٤٨٣ع) جي ملفوظات آهي(٤٦).

١٣- ملفوظات حافظ محمد صديق پرچونڊي: پرچونڊي ضلع سکر جي بزرگ حافظ محمد صديق جي ملفوظات ٻه ملي ٿي، جيڪو پير روضي ڌڻي جو مريد هو(٦٥).

١٤- ملفوظات پير محمد ياسين: هيءَ ملفوظات پير محمد ياسين جهنڊي واري جي آهي، جيڪا سندس فرزند پير هدايت الله مرتب ڪئي (٦٦).

١٥- تحفه المحبين: پير رشيد الدين جهنڊي واري جي ملفوظات آهي، جيڪا سن ١٣٢٢ هه (١٩٠٤ع) ۾ قاضي فتح محمد نظاماڻي (ٽنڊوقيصر) مرتب ڪئي (٦٧).

١٦- تنوير القلوب في خيرات المطلوب: پير رشد الله شاهه جهنڊي واري جي ملفوظات آهي، جيڪا سندس فرزند پير ضياء الدين شاهه مرتب ڪئي. هيءَ ملفوظات سنڌيءَ ۾ لکيل آهي(٦٨)

مٿي سنڌ جي مکيه بزرگن جي ملفوظات جي سلسليوار تاريخ پيش ڪئي ويئي، ۽ مکيه ملفوظات جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي. ان مان معلوم ٿيندو ته سنڌ جي بزرگن جي ملفوظات جو ٻه قابل قدر ذخيرو موجود آهي. جيئن ته مقالو تمام طويل ٿي ويو آهي، انهيءَ ڪري ملفوظات جي مواد جو جائزو پيش نه ڪيو ويو آهي. اميد ته ٻئي پيري سنڌ جي بزرگن جي ملفوظات تي تفصيل ۽ وضاحت سان لکيو ويندو، جنهن ۾ بزرگن جي ملفوظات جون خوبيون ۽ خصوصيتون نيڪيڙي نروار ڪيون وينديون. في الحال مٿي ڏنل تعارف تي اڪتفا ڪئي وڃي ٿي.

## حوالا

(١) المنجد، الطبع العشرون، دارالمشرق، بيروت و لبنان، ١٩٦٠ع، ص ٧٢٧
(٢) نوراللغات ج ٤، ص ٤٥٤؛ تاج اللغات اردو ج ٤، ص ٥٨٤؛ فيروزاللغات فارسي ج ٢، ص٤٤٤.
(٣) ابوالحسن علي ندوي: تاريخ دعوت و عزيمت ج ٣، ص ١٢.
(٤) شيخ محمد اڪرام: آب ڪوثر، اٺون ڇاپو، ١٩٧١، ص ٢٢٥ حاشي.
(٥) شيخ محمد اڪرام: ثقافت پاڪستان، ص ١٨٧.
(٦) دليل العارفين، مطبوعه لاهور ١٣٣٠هه - هشت بهشت اردو، الله والي کي قومي دڪان لاهور.
(٧) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: بيان العارفين سنڌي (اڻ ڇپيل)، پي- ايچ- ڊي لاءِ لکيل مقالو، ص ٦٧٦ کان ٦٧٧ ۽ ص ٧٠٨.
(٨) انيس الارواح، مطبوعه مطبع مجتبائي دهلي، هشت بهشت اردو، الله والي کي قومي دڪان لاهور، آب ڪوثر، ص ٢٠٧.
(٩) دليل العارفين، مطبوعه لاهور، ١٣٣٠هه، هشت بهشت اردو، آب ڪوثر ص ٢٠٧ ۽ ٢١٦. بزم صوفيه، سيد صباح الدين، ص ٥٤.
(١٠) هشت بهشت اردو؛ بزم صوفيه ص ١٢٣؛ آب ڪوثر ص ٢١٧ کان ٢٢٦؛ تاريخ دعوت و عزيمت جلد ٣، ص ٣٧؛ اخبار الاخيار، اردو ترجمه ص ١١١.

● پروفيسر محمد اسحاق ابڙو

# سنڌ ڏيهه جي رهڻي ڪهڻي

سنڌ کي مهراڻ جي ماٿري به ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. سنڌو نديءَ کي انگريزي ٻوليءَ ۾ انڊس (Indus) چئبو آهي. اهو لفظ اصل 'سنڌو' هو، پر يونانين انهيءَ کي يورپي پوشاڪ پهرائي انڊس سڏيو(۱). انهيءَ حقيقت کي ميولر ۽ اثبت به مڃن ٿا. انهيءَ طرح ڀيرومل مهرچند آڏواڻي هڪ عربي تواريخ نويس البيرونيءَ جو حوالو ڏئي ڄاڻايو آهي ته "الور ڪان هيٺ سنڌو نديءَ کي "مهراڻ" سڏيندا هئا ۽ اها لڪپت ڏي وڃي جنهن سمنڊ ڏي ڇوڙ ڪندي هئي سو سنڌو ساگر يعني سنڌ جو سمنڊ سڏبو هو. اهو هاڻي عربي سمنڊ ڪري ڪوٺجي ٿو"(۲). مطلب ته مهراڻ جون ملبون ۽ من موهيندڙ موجون سنڌ جي سدا سهڻن ۽ نرمل نظارن سان آڳاٽي سمي کان ڏيٺ ويٺ رکن ٿيون. سنڌ ڏيهه کي باب الاسلام به سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته دين اسلام جي نور پهرين پهرين سنڌ کي سهانيءَ سان روشن ڪيو، پوءِ سموري هند-پاڪ کي سوجهرو پهچايائين. سنڌ ڏيهه جي حياتي سادي ۽ ماڻهو سباجهڙا آهن. واهڻن ۾ وڃي جهانگين جي جهوپڙين کي ڏسبو تن ٿي تازو ٿيو پوي. ڪٿي ڪرار جو ٻار چنگ تي پيو پيجل جون ٻوليون ٻولي ته ڪٿي ابلپنوهار نڙ تي سسئيءَ جا سور ۽ پنهل لاءِ پار ڪڍيو پيو روح کي ريلا ڏئي:

رڳون ٿيون رباب وڄن ويل سڪنهن (شاهه)

سنڌ ڏيهه جي سادگيءَ جي سچي سُڌ لهڻي هجي ته هليو وڃجي ڳوٺڙن ۾ يا ميلن ۾، باقي شهرن جي ٺاهه ٺوڪلي، سوٽ ۽ ٽوٽ کي ڏسڻ سان سنڌ جي سادي حياتيءَ جي پوري پروڙ لهڻ اوکي آهي. سنڌ جا ڳوٺاڻا تمام سادا ۽ سباجهڙا آهن. ٿڌ توبيءَ، ڏيک ويک ۽ لٽ ٺاهه سان ته بنهه ڪرنه ڄاڻن. سنڌن پوشاڪ سادي ۽ سستي آهي. مرد گهڻو ڪري وڏيون سٿڻون پائيندا آهن، جيئن گهڻو وقت جناءُ ڪن ۽ اوڳهڙ به چڪيءَ ريت اوڍجي. مٿي تي ململ يا هرڪ جي پڳ ضرور هوندن نه ته پوتڙي يا اجرڪ سان مٿو ڍڪين. چولو وڏو ۽ ويڪرو پائين.

---

(۱) راورٽي: "دي مهراڻ آف سنڌ" صفحو ۱۵۶ ڇاپو ۱۸۹۲ع.

(۲) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: "قديم سنڌ جي سپيتا ۽ شاهوڪاري" سنڌي نثر ۽ نظم جو انتخاب، ۱۹۴۲ع، سندر ساهتيه ڪراچي، ص ۸۹.

پراسون | پالي | ب- پارٿي
وبڪلي | هندي | پهلوي
بنگالي ۽ پيون | خوارزمي
هندو-آريائي پوليون | سُغدي
ختني
ج- فارسي
ڪُردي
بلوچي
پشتو
واخي (پامير جي پولي)
اوسي تي (قفقاز جي پولي)

(سبک شناسي: محمد تقي بهار: طهران، ج ١٠، ص ١-٤٥)

هن وقت لسانيات جي ماهرن جي تحقيق موجب، ايراني پولين کي هن ريت تقسيم ڪري سگهجي ٿو:

١- فارسي قديم: فارسي باستان، مادي، اوستا.
٢- فارسي وسطيٰ (درميانه فارسي): پارٿي، سُغدي، ختني.
٣- فارسي نو: (١) لُري، تاتي، ڪُزاري.
(٢) گوراني.
(٣) ڪُردي.
(٤) وسطي پوليون: گازي، سوئي، فاريزلدي، ڪاشاني، خوري.
(٥) بحيرهٔ خضر جون پوليون: مازندراني، گيلڪي، طالشي.
(٦) سمناني.
(٧) بلوچي.
(٨) پشتو، وانوتي.
(٩) پراچي، ارسري.
(١٠) پامير جون پوليون: منجي، يدغا، اشڪاشمي، سنگالچي، زيباڪي، يازغولامي، روشالي، وشوري، برتانگي، شغني، سري ڪوني، وانچي، وخي.
(١١) يغنابي.
(١٢) اوستي پوليون: دگور، ايرون.

آهي ته تخاري زبان هند ۽ يوروپي زبانن ۾ شامل آهي ۽ ايراني زبانن مان خارج ٿيل آهي. ليڪن اسلامي ڪتابن ۾ تخاري زبان کي ايراني زبان چيو ويو آهي. البيروني ۽ بشاري مقدسي هن زبان کي بلخي زبان جي قريب شمار ڪن ٿا.

**فارسي يا دَرِي:** اسلامي دَوُر حڪومت کان پوءِ، ايران ۾ جيڪي به زبانون مروج ٿي رهيون آهن، انهن سڀني کي "جديد ايراني" زبان چيو وڃي ٿو. انهن سڀني ٻولين مان اهم ٻولي "فارسي" يا "دري" آهي. اها ايران ۾ ٽينءَ صدي هجريءَ کان اڄ تائين، علمي، ادبي ۽ سرڪاري زبان جي حيثيت ۾ موجود آهي. اسلامي مؤرخن "دري" زبان کي ساساني دَوُر (٢٢٦-٦٥٢ع) حڪومت کان شمار ڪيو آهي. حمزه اصفهاني، پنهنجي ڪتاب "التنبيه علي حدوث التصحيف" ۾ لکي ٿو ته "ساساني دَوُرِ حڪومت ۾ پنج زبانون مروج هيون: ١- فهلوي ٢- دري ٣- فارسي ٤- خوزي ۽ ٥- سرياني(١)."

حمزه اصفهاني، انهن زبانن جي متعلق وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

"فهلوي (پهلوي) اها زبان آهي، جنهن ۾ بادشاهه پنهنجي مجلس ۾ گفتگو ڪندا هئا ۽ اها "فهله" ڏانهن منسوب آهي ۽ اهو نالو ايران جي پنجن شهرن سان تعلق رکي ٿو: ١- اصفهان ٢- ري ٣- همدان ٤- ماه نهاوند ۽ ٥- آذربائيجان.

"فارسي" زبان اصل کان اهلِ فارس جي زبان آهي. "دري" زبان "مدائن" وارن جي زبان آهي ۽ بادشاهن جا درباري اها زبان ڳالهائيندا هئا. "در" دربار جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي. جيئن ته هيءَ درباري زبان هئي ۽ حڪومت ۽ رعيت جي درميان اظهار جو وسيلو هئي، انڪري "دري" جي نالي سان مشهور ٿي وئي.

عربن طرفان ايران فتح ٿيڻ کان پوءِ، ايران جي علمي ۽ ادبي زبان "عربي" رهي، ليڪن "فارسي" صوبائي لهجن جي صورت ۾ رائج رهندي آئي. پهلوي زبان کي صرف "زردشتي" پنهنجي ديني ضروريات لاءِ استعمال ڪندا هئا. زبان "دري" ٽين صدي هجريءَ کان اڄ تائين مختصر تبديلين سان "فارسي دري" جي نالي سان، عربي رسم الخط ۾، ايران جي علمي ۽ ادبي زبان جي حيثيت ۾ رائج رهندي آئي آهي. شروعات ۾ خراسان، سيستان ۽ ماوراءالنهر ۾ مستعمل رهي.

سرزمين ايران جي مختلف حصن — مرڪزي، اوڀر ۽ ڏکڻ وارن علائقن ۾ جيڪي به ٻوليون (يعني لهجا) مروج هيون، تن کي ادبي ڪتابن ۾ عام طرح سان "فهلوي" يا پهلوي" جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو ۽ مقامي زبانن جي متعلق، جيڪي ايران جي مختلف علائقن ۾

(١) سُرياني، ايراني زبانن مان نه آهي، پر ايران جي مسيحي آسورين جي زبان آهي، جن مان ڪيترائي اهلِ علم هئا ۽ يونان جي علم ۽ فلسفي جا ڪيترا ڪتاب ترجمو ڪيا هئائون، جيڪي بعد ۾ سريانيءَ مان عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا.

٥- پورداوُد: ”فرهنگ ايران باستان“، تهران ١٣٢٦.
٦- دڪتر محمد معين: ”مزديسنا و تاثير آن در ادبيات فارسي“، تهران ١٣٢٦.
٧- عباس شُستري: ”ايران نامه“ جلد دوم، تهران.
٨- دڪتر احمد بهمنش: ”تاريخ ملل قديم آسياي غربي، تهران ١٣٢٣.
9- Donald N. Wilber: "Iran, past and present", princeton, 1950.
10- C. Hurat: "Ancient persia and Iranian civilization", New yark 1927.


[نوٽ: هن مضمون ۾ ص ١١٠ تي ٻڌايو ويو آهي ته ' 'مادي' ٻوليءَ جو هڪ لفظ جو 'فارسي باستان' ۾ رائج ٿيو ويو آهي، 'پيريديزا'، جنهن جي معنيٰ آهي، قلعو يا باغ. ان لفظ تان ئي عربيءَ ۾ لفظ 'فردوس' ٺهيو ۽ ان تان ئي 'پيراڊائز' انگريزيءَ ۾ ٺاهيو ويو.' پر حقيقت هيءَ آهي ته انهن سڀني جو اصل سرچشمو لفظ آهي 'پرديس'. ان لفظ جي بدلجندڙ صورتن مان مادي ٻوليءَ جو 'پيريديزا'، عربيءَ جو 'فردوس' ۽ انگريزيءَ جو 'پيراڊائيز' ٺهيو. اهي لفظ علمِ الصوت موجب هڪ ئي صوتي انداز سان وابسته آهن. —غ. م. ڪ.]



دؤر ۾ هندي شعر ۽ شاعريءَ کي وڏو عروج حاصل هو. ان دؤر ۾ "پورپوتي" هندي زبان جو وڏو شاعر قنوج جي راجا يشودرمن جي دربار جو شاعر هو.

دهلي سلطنت جي غلام گهراڻي جي حاڪمن به هندي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب جي ڏاڍي سرپرستي ڪئي. هن دؤر ۾ دوباهتي هنديءَ جو وڏو شاعر هو. خاص طرح سان هن دؤر ۾ اتر هندستان ۾ هندي شاعري کي تمام گهڻو عروج حاصل هو. هن زماني ۾ اميرخسرو، ميرحسن دهلوي ۽ بدرچاچ نامور شاعر هئا. چند بروائي [۱]، جنهن کي هندي زبان جو پهريون شاعر ڪري تصور ڪيو وڃي ٿو، سو پڻ هن ئي دؤر جي پيداوار آهي [۲]. ان کان سواءِ جگ نائڪ ۽ سارنگ دهر[۳]، ٻہ وڏا هندي شاعر تسليم ڪيا ويا آهن.

چوڏهين صدي ۽ پندرهين صدي (سن ۱۴۰۰-۱۵۵۰ع) جي وچ ڌاري رام جي پرستش عام ٿي ۽ هندي ادب ۾ هڪ نئون انقلاب آيو. اها پڪتي تحريڪ ٽن گروهن ۾ تقسيم ٿي وئي: هڪ اها تحريڪ، جنهن ڪرشن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ وشنو تحريڪ جي نالي اپنيان سڏجڻ لڳي. ٻي اها تحريڪ جا رام کي خدا جو اوتار سمجهي پوڄا ڪرڻ لڳي ۽ ان بت پرستيءَ کي پنهنجو شعار بنايو ۽ ٽين تحريڪ آها هئي جنهن جي نظر ۾ رام برابر خدا جو اوتار آهي، مگر پوڄا جو لائق خدا واحد آهي. انهيءَ سان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ اهو دؤر غالباً بت پرستيءَ جو دؤر رهيو هوندو. انهيءَ پوئين تحريڪ جو باني راماند (سن ۱۴۰۰-۱۴۷۰ع) هو[۴]. هن جي تعليم ۽ تبليغ جو رخ ڪنهن حد تائين وحدانيت ڏانهن مائل هو. انهيءَ دؤر ۾

---

[۱] چند بروائي راجا پرٿويراج جي دربار جو شاعر هو. راجا جي طرفان هن کي "ملڪ الشعراء" جو خطاب مليل هو ۽ ساڳي وقت وزير سلطنت بہ هو. هن پرٿويراج سان گڏ سن ۱۱۹۱ع ۾ ٿانيسور جي لڙائيءَ ۾ جنگ لڙي ۽ راجا سان گڏ مارجي ويو. سندس ڪلام جو مجموعو ميواڙ جي راجا، امرسنگ، سترهين صديءَ ۾ مرتب ڪيو.

[۲] چند بروائيءَ ڏانهن منسوب ڪتاب 'راسا' متعلق مشهور محقق ۽ عالم حافظ محمود شيرانيءَ وڏي تحقيق کان پوءِ اهو مسئلو پايہ تڪميل تي پهچايو آهي تہ اهو ڪتاب 'راسا' چند بروائي جو ناهي، بلڪ جعلي ۽ الحاقي آهي. حافظ مرحوم جو اهو ضخيم مقالو اردو تنقيدي ادب ۾ وڏي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ ان جو رد اڄ تائين ڪنهن بہ نہ ڪيو آهي. (غ.م.گ)

[۳] جگ نائڪ: چند بروائيءَ جو همعصر هو. پرمال جي راجا جو درباري شاعر هو. سارنگ دهر: چند بروائيءَ جي پشت مان هو. هندي زبان ۾ همير راسا ۽ همير هاوي سندس ٻہ مشهور نظم آهن.

[۴] راماند پنهنجي انهيءَ عقيدي جو پرچار سن ۱۴۳۰ع ۾ شروع ڪيو. راماند، رام جي هستيءَ کي هڪ خدا تسليم ڪري ان جي پوڄا جي تعليم ڏني، پر ان هوندي بہ هن بت پرستيءَ جي ڪلي مخالفت نہ ڪئي.

ڪبير پيدا ٿيو جنهن بت پرستيءَ جي خلاف نعرو بلند ڪيو(١). ان دؤر ۾ هندن ۾ نامديو، ودياپتي ۽ ميران بائي(٢) ۽ مسلمانن ۾ محمد جائسي(٣) وڏا شاعر ٿي گذريا آهن.

سن ١٥٥٠ع کان هندستان ۾ تاريخي لحاظ کان هڪ زرين عهد شروع ٿئي ٿو. دهلي سلطنت جي خاتمي کان پوءِ مغلن جو دؤر شروع ٿــو ٿئي. هن دؤر ۾ هندو مسلم اتحاد جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو. هندو مسلم تهذيبن جي سيلاب سبيان علم ۽ ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي. هندي زبان جا وڏا وڏا شاعر پيدا ٿيا. اڪبري دؤر ۾ عبدالرحيم خان خانان هنديءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس چيل هندي دوها هندي شاعريءَ جو زيور آهن. انهيءَ کان سواءِ هن دؤر ۾ هنديءَ جا وڏا وڏا شاعر جهڙوڪ: تلسيداس (سن ١٥٣٢-١٦٢٣ع) سورداس ۽ بهاري لال قابل ذڪر آهن. تلسيداس پنهنجي شاعريءَ جي مشهور شاهڪار رامائڻ (سن ١٥٧٥ع) ذريعي رام ڀڳتيءَ کي سهڻي نموني ۾ پيش ڪيو آهي.

---

(١) ڪبير رامانند جي شاگردن مان هو. هن جو زمانو ١٤٤٠-١٥١٨ع جو آهي. هن جي مسلمان يا هندو هجڻ ۾ اختلاف آهي. ڪن عالمن لکيو آهي ته ڪبير بنارس جي نيرو نالي هڪ مسلمان ڪوريءَ جو پٽ هو ۽ سندس والده جو نالو نيما هو. ڪن جي اها روايت آهي ته سندس والده برهمڻ عورت هئي، هوءَ بيوه هئي ۽ ان داغ کي مٽائڻ لاءِ هن بنارس جي ويجهو هڪ تلاءَ ۾ ٽپ ڏنو، جتان هڪ مسلمان کيس بچايو. ليڪن ان روايت کي مورخن غلط ڪوٺيو آهي. ڪبير توحيد پرست هو ۽ ڪنهن کي به اوتار ڪري نه قبول ڪيائين. مسلمان والدين جي گهر ۾ جنم ڪري ۽ اسلامي ماحول ڪري سندس دل ۾ وحدانيت جو ستاو اڀريو. ڪن تاريخ نويسن لکيو آهي ته دهليءَ جي سلطان سڪندر لوڌيءَ کيس بنارس ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڪيو هو. ڪبير پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر هو ۽ هندي ادب ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. سندس ڪلام سن ١٦٠٤ع ۾ مرتب ٿيو.

(٢) ميران بائي: ميران بائي ڪرشن جي پوڄارڻ هئي. هنديءَ جي مشهور شاعر ودياپت کان ٿورو پوءِ اولهه هندستان ۾ پيدا ٿي. هوءَ رامانند جي شاگرد رانداس چمار جي شاگردياڻي ۽ پيرو هئي. ميوار جي راجا جي وليعهد ڀوج راڄ جي مڱيندي هئي، مگر راجا تخت تي ويهڻ کان اڳ ۾ سفر سڌاريو. ميران بائيءَ جو رتبو هندي شاعريءَ ۾ تمام گهڻو بلند آهي. سندس سمورو ڪلام برج ڀاشا ۾ آهي ۽ نهايت عمدو ۽ پاڪيزه آهي.

(٣) ملڪ محمد جائسي (سن ١٥٤٠ع) هي ڪبير جو پوئلڳ هو. پنهنجي دؤر جي درويشن، عالمن ۽ هندو مذهب جي رسم و رواج جي ڄاڻ هئس. "پدماوت" نالي سندس لکيل مثنوي هندي شاعريءَ ۾ مشهور آهي، جنهن ۾ پدمنيءَ جي حسن ۽ علاءالدين جي عشق جو ذڪر آهي. ٻولي ٺيٺ هندي، پر الفاظ فارسي آميز اٿس.

• الياس عشقي

# ابوبڪر محمد بن ذڪريا رازي

ابوبڪر محمد بن ذڪريا رازي (جنهن کي مغربي دنيا رهيزيز ”Rhazes“ جي نالي سان سڃاڻي ٿي) علم الڪيميا جي وڏن ماهرن ۾ ليکجي ٿو ۽ طب جي دنيا ۾ تہ اهڙو وڏو طبيب ۽ عظيم مرتبي جو صاحب شايد ئي ڪو ٿيو هوندو. نائين صدي عيسويءَ جو هيءُ عظيم فلسفي، ڪيميا جو ماهر ۽ طبيب ڪبير پنهنجي علم ۽ تجربي سان دنيا ۾ اهڙا ڪارناما ڇڏي ويو آهي جو سندس شمار نہ رڳو عالم اسلام جي عالمن ۾ پر ان سان گڏ دنيا جي وڏن مفڪرن، فيلسوفن ۽ سائنسدانن ۾ ٿئي ٿو.

هن پنهنجي عظيم تصنيف ۽ تاليف ”الحاوي“ لکي دنيا کي پهريون وڏو طبي ”انسائيڪلوپيڊيا“ ڏنو، جنهن جو تصور تاريخ جي انهيءَ اوائلي دؤر ۾ ممڪن ئي نہ هو. اهو عظيم ڪتاب پنجويهن جلدن ۾ يورپ جي وڏن وڏن ڪتبخانن ۾ پکڙيل آهي. انهيءَ ۾ طبي سائنس جي هر موضوع بابت حيرت انگيز معلومات گڏ ڪئي ويئي آهي. انهيءَ ڪتاب جي ڪري ذڪريا رازيءَ کي هر دؤر جي عالمن وڏيءَ عقيدت جي نظر سان ڏٺو آهي ۽ کيس طب جو عظيم ماهر ۽ انسانذات جو وڏو محسن سمجهيو آهي. ’الحاوي‘ ۽ ٻين ڪتابن جي ڪري ذڪريا رازي دنيا جي وڏين شخصيتن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

هيءُ عظيم طبيب، محقق، مفڪر، فيلسوف ۽ ڪيميا جو ماهر رئي (Ray) ۾ ڄائو، جو نائين صدي عيسويءَ ۾ ايران جو هڪ وڏو شهر هوندو هو. انهيءَ شهر ۾ ٻيا بہ وڏا ماڻهو پيدا ٿيا هئا. اڄ بہ اهو شهر ايران جي گاديءَ جي هنڌ تهران کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي موجود آهي پر هڪ تمام ننڍو ۽ اڻڄاتل شهر آهي، جنهن جي خبر موجوده دنيا ۾ رڳو تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي هوندي.

ذڪريا رازي ڪهڙي سن ۾ ڄائو هو، انهيءَ بابت محققن ۾ اختلاف آهي. ايران جي مشهور محقق ڊاڪٽر محمود نجم آباديءَ جي تحقيق مطابق ذڪريا رازيءَ جي جنم جو سال سن ٨٥٦ع آهي ۽ ايران جا سڀئي محقق هن سان اتفاق ٿا ڪن، پر ٻيا محقق اهڙا بہ آهن جن جو چوڻ آهي تہ ذڪريا رازيءَ جي استاد علي بن رابن سن ٨٧٠ عيسويءَ ۾ انتقال ڪيو هو، ۽ ڊاڪٽر نجم آباديءَ جي تحقيق مطابق رازيءَ جي عمر پنهنجي استاد جي موت وقت رڳو چوڏهن سال

ٿي ٿي. ايتري ننڍيءَ عمر ۾ ذڪريا جو پنهنجي عالم فاضل ۽ فيلسوف استادڪان فلسفي ۽ طب ۾ ڪامل علم پرائڻ ناممڪن آهي. انهن محققن پين تذڪري نگارن جي ڏنل سن ٨٥٠ عيسوي کي ذڪريا رازيءَ جي پيدائش جو سن مقرر ڪيو آهي، جنهن مطابق ذڪريا جي عمر پنهنجي استاد جي انتقال وقت ٽيهه سال ٿي ٿي، جيڪا علم جي تڪميل لاءِ مناسب سمجهي وڃي ٿي.

مزيدار ڳالهه هيءَ آهي ته ننڍپڻ ۾ ذڪريا کي موسيقيءَ جو وڏو شوق هوندو هو. هن ڳائڻ ۽ "عود" وڄائڻ ۾ ننڍي هوندي ئي اهڙي مهارت ڏيکاري هئي جو موسيقيءَ جي فن جا ماهر به سندس ڪمال جو اعتراف ڪندا هئا. انهيءَ وقت ذڪريا جو اهوئي خيال هو ته موسيقيءَ جي فن کي روزگار حاصل ڪرڻ جو وسيلو ڪجي، پر جلد ئي هُن کي معلوم ٿي ويو ته موسيقيءَ کي روزگار جو ذريعو بڻائڻ ممڪن نه آهي. سندس خواهش هئي ته ڪو اهڙو فن سکي جلد ئي دولتمند ٿيان، ڇاڪاڻ ته ننڍي هوندي ئي مٿس سڄي خاندان جو بار اچي پيو هو. تـرت دولت ڪمائڻ جي اها خواهش ذڪريا کي علم ڪيميا ڏانهن ڇڪي ويئي. هن پنهنجي دؤر جي ڪيميا جي ماهرن ۽ عطارن سان دوستي رکي ڪيميا جو علم ۽ تجربو حاصل ڪيو. هو ٽامي يا پاري کي سون ته نه بڻائي سگهيو، پر نباتات ۽ جمادات جي خاصيتن ۽ انهن جي ڪيميائي عمل بابت سندس علم ايترو ته وڌي ويو جو هو پنهنجي دؤر جي ڪيميا جي ماهرن ۾ ليکجڻ لڳو.

ذڪريا رازيءَ کي پنهنجن ڪيل تجربن ۽ ڪانئس اڳ ڪيل تجربن کي قلمبند ڪرڻ جو شوق هوندو هو، جنهنڪري هو سڄيءَ معلومات کي لکندو ويو. ذڪريا کان پهرين ڪيمياگر ڪيميا بابت ڳجهين عبارتن ۾ لکندا هئا. اهي دوائن، ٻوٽين ۽ ڌاتن جا پنهنجا خاص ڳجها نالا رکي لکندا هئا، ڪن حالتن ۾ پورا نسخا به نه لکندا هئا، ۽ ڪي خاص جُزا نسخن سان لڪائي ويندا هئا. ذڪريا جو ذهن سائنسي ۽ تجرباتي هو، جنهنڪري هو صاف صاف عبارت ۾ سڄي ڳالهه اهڙي انداز ۾ لکندو هو، جنهن سان هڪڙو عام ماڻهو صحيح مطلب ڪڍي علم پرائي سگهي. اهو جهونو ۽ ڳجهو طريقو ذڪريا جي خيال مطابق نه رڳو هاڃيڪار ۽ وقت وڃائڻ جو ڪارڻ هو، پر ان سان گڏ علم جي ترقيءَ جي راهه ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ پڻ هو.

ان ڏس ۾ ذڪريا جو وڏو ڪارنامو هيءُ آهي ته هن ڪيميا جي فن ۾ ڪم ايندڙ شين جي ورڇ - جيڪا غيرسائنسي طريقي مطابق هئي - تنهن کي بدلائي ڇڏيائين ۽ پنهنجي تقسيم کي رائج ڪيائين، جنهن سائنسي ضرورتن مطابق اڳين ڪيميا جي ماهرن جي تجربن ۾ ڪتب ايندڙ مادي کي جسم، روح ۽ جوهر جي ٽن قسمن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. ذڪريا جي خيال مطابق اها ورڇ غيرسائنسي هئي، تنهنڪري هن سائنسي ضرورت آهر مادي کي حيوانات، جمادات ۽ نباتات جي قسمن ۾ ورهايو. انهيءَ جي آڌار تي هلي ڪيميا جي ورڇ نامياتي (Organic) ۽ غيرنامياتي (Inorganic) ٿي، جيڪا اڄ تائين قائم آهي.

● نبض جي ذريعي تشخيص ڪرڻ بابت ڪتاب.

ابوبڪر محمد ذڪريا رازيءَ جي لکيل ڪتابن بابت هيءُ مختصر ۽ نامڪمل تعارف آهي، جنهن ۾ رڳو خاص خاص ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان مان ظاهر ٿيندو ته هن هڪڙي شخص هڪ وڏي اڪيڊميءَ جو ڪم ڪيو آهي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ املهه خزانو ڇڏي ويو آهي. هڪ هزار ورهين کان پوءِ به هن عظيم انسان جا تجربا روشنيءَ جي مُناري وانگر مشرق ۽ مغرب جي عالمن ۽ طبيبن کي اونداهيءَ ۾ روشني ڏيکاريندا رهيا آهن.

ذڪريا رازيءَ جي ڪارنامن، محنت، همت ۽ انسان ذات سان محبت ۽ ان جي تڪليفن کي ختم ڪري صحتمند رکڻ لاءِ سندس ڪيل ڪوشش مان سبق پرائي سگهجي ٿو. خاص ڪري ڪنهن مقصد لاءِ سڪ ۽ چاهه سان ڪم ڪرڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان کي سبق ملي ٿو.

ذڪريا رازي ساڳئي وقت هڪ فلسفي ۽ ڪيميا جو ماهر، هڪ طبيب، هڪ مفڪر ۽ انسان ذات جو محسن هو. انسان جي خدمت ڪيترن انسانن کي جياري ڇڏي ٿي، ان جو مثال ذڪريا رازيءَ جي حياتي آهي. هزار سالن کان پوءِ به هو اڄ تائين جيئرو آهي ۽ جيئرو رهندو.



● غلام محمد گرامي

# محمد بن زڪريا ابوبڪر رازي "جالينوس ثاني"

امام‌الفن، حڪيم، فلسفي، اديب، مهندس، منطقي ۽ عالمِ دين.
(٢٢٨هه-٣١٠هه)

[سرزمين ايران جي مردم خيز خطي 'ري' مان 'رازيءَ' جي نسبت سان ٻه عظيم انسان پيدا ٿيا، جي بين‌الاقوامي شهرت جا مالڪ رهيا. هڪ محمد بن زڪريا ابوبڪر رازي (٢٢٨هه-٣١٠هه)، جنهن کي امام‌الفن ۽ 'جالينوس ثاني' سڏيو ويو آهي، جو پنهنجي دؤر جو فلسفي، طبيب، منطقي ۽ عالمِ دين هو. ۽ ٻيو محمد بن عمر بن‌الحسن ابوالفضل فخرالدين رازي (٥٤٣هه-٦٠٦هه) مشهور تفسير ڪبير جو مصنف، فقه ۽ علمِ اصول، ڪلام ۽ حڪمت، فلسفي ۽ منطق جو يگانه عالم. هت ٻنهي 'رازي' جي سوانح ۽ علمي ڪارنامن جو ذڪر ڪجي ٿو، جنهن جو هڪ هزار ساله جشن هن سال علمي دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي. — غ. م. گ]

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ اسلام انسانذات کي روشن‌ضميري ۽ حقيقت‌پسنديءَ جي دعوت ڏني آهي. علم ۽ ان جي تحصيل کي انساني زندگيءَ ۾ فرض قرار ڏنو ويو آهي. حڪمت ۽ فلسفي کي 'الحڪمة ضالة المومن' چئي پڪاريو ويو آهي تہ 'حڪمت مومن جو گم ٿيل سرمايو آهي، اهو جتان بہ هٿ اچي، حاصل ڪيو وڃي.' ائين بہ چيو ويو 'اطلبوالعلم ولوڪان باالصين'، جنهن جو مطلب آهي تہ 'علم جي طلب ڪرڻ گهرجي، توڙي جو اهو علم چين جهڙي دور دراز ملڪ مان هٿ اچي سگهي.' اهو بہ پڪاريو ويو تہ 'العلم علمان علم‌الاديان وعلم‌الابدان'. 'دنيا ۾ فقط ٻہ علم آهن هڪ دين جو علم آهي، ٻيو طب ۽ حڪمت وارو علم آهي، يعني بدن جو علم.'

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ بنو اميہ خلافت ٦٦١-٧٥٠ع ۾ نهايت وسيع ٿي چڪي هئي. ان جون سرحدون مغرب ۾ اسپين ۽ فرانس تائين، اوڀر ۾ سنڌ تائين، ڏکڻ ۾ هندي وڏي سمنڊ تائين ۽ اتر ۾ ققفاز تائين پهچي چڪيون هيون. بنو اميہ جي راڄ ۾، دنيا جون مختلف قومون

هڪٻئي جي قريب ٿي رهيون هيون. عرب ۽ ايراني، عيسائي ۽ يهودي، ٻڌمت ۽ هندو، مجوسي ۽ صابي علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف علمي مرڪزن تي گڏ ٿي چڪا هئا. مختلف قومن جي وچ ۾ علم ۽ حڪمت جي دولت جو تبادلو ٿي رهيو هو. عرب ۽ ايراني، مصري ۽ شامي، سنڌي ۽ هندي، رومي ۽ اسپيني، هڪٻئي جي علم ۽ حڪمت کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا.

هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ هڪ ملڪ جو عالم ۽ فاضل، حڪيم ۽ تاجر، سياح ۽ فلسفي پنهنجي علم ۽ تهذيب جو پيغام کڻي، ٻهاڙ ۽ سمنڊ لتاڙي، ٻين ملڪن تائين وڃي، حڪمت ۽ فيض جي پالوٽ ڪري رهيو هو. ايران جو هڪ حڪيم ۽ دانشمند، سياح ۽ تاجر هڪ طرف سنڌ ۽ هند، چين ۽ سوماترا تائين پهچندو هو ته ٻئي طرف يونان ۽ روم، اسپين ۽ فرانس تائين سير و سفر ڪندو رهندو هو. ٻين لفظن ۾ اهي حڪمت ۽ فلسفي، علم ۽ معقولات جا اهڙا پيامبر هئا، جي سنڌ ۽ هند مان اچي حڪمت ۽ فلسفو، طب ۽ علم البدن سکندا هئا، ته ٻئي طرف هتي جي قصص و حڪايات، دانش ۽ امثال جا دفتر نقل ڪري پاڻ سان نيندا هئا. ان طرح اهي ئي حڪيم ۽ سياح، يونان ۽ روم مان طب ۽ علوم طبعيه جا معياري ڪتاب کڻي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائيندا هئا. شام جا تاجر ۽ سياح تجارت لاءِ فرانس جي مرڪزي شهرن تائين پهچندا هئا.

محقق اهو تسليم ڪن ٿا ته 'شام' اهڙو مرڪز آهي، جنهن ۾ ايران ۽ روم جا باشندا صدين تائين پاڻ ۾ گڏ ملندا رهيا، انڪري شام ۾ اڄ به مختلف تهذيبن جا آثار موجود آهن. ان دؤر ۾ شام جي درسگاهن ۾ يوناني علوم ۽ سنڌي فنون ۽ حڪمت جو خاصو چرچو هو. شام جا عالم دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪتابن جي ترجمن ڪرڻ ۾ رات ڏينهن نور نچوئي رهيا هئا.

نوشيروان (٥٢١-٥٧٩ع) پاران جندي شاپور ۾ فلسفي ۽ حڪمت پڙهائڻ لاءِ اهڙي درسگاهه جو بنياد رکيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي حڪيمن کان علاوه شام جي چند عيسائي عالمن کي به تدريس ۽ تعليم لاءِ رکيو ويو هو. ٥٢٩ع ۾ افلاطوني فلسفي جي چئن جي ستن حڪيمن کي جڏهن ائينس مان ڪڍيو ويو، تڏهن انهن کي نوشيروان پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين پاڻ وٽ پناهه ڏني. انهن ستن حڪيمن ايران ۾ پهچي حڪمت ۽ فن جي وسيلي ڏاڍي خدمت ڪئي.

ان قسم جي علمي تبادلي جي ڪري مسلمانن ۾ به علم ۽ فن جي حاصل ڪرڻ جو ذوق پيدا ٿيو، انڪري مسلمانن سنڌ، هند، يونان، مصر ۽ چين جي ڪتابن ۽ حڪيمن کان دل کولي استفادو ڪيو.

بنو اميه جي دؤر ۾ فتوحات مان گڏ يوناني ڪتابن جا به ڪافي ترجما ڪيا ويا. ان طرح بنو عباسيه دؤر ۾ منصور (٧٥٤-٧٧٥ع) پاران ترجمن تي خاص ڌيان ڏنو ويو. سنڌي ۽ يوناني طبعيات ۽ طب، حڪمت ۽ فلسفي، منطق ۽ رياضيءَ جي هزارن ڪتابن کي ترجمو ڪيو ويو. ڪيترا ڪتاب عبراني، سرياني، پهلوي، سنڌي ۽ سنسڪرت زبانن مان تيار ڪرايا ويا. بهرحال، اهو موضوع نهايت تفصيل سان مطالع ڪرڻ جهڙو آهي.

# ۳

# افسانا

”قباحت ۽ حسن هڪ ڀيرو سمنڊ جي ڪناري تي اچي مليا. هڪٻئي کي چيائون، اچو ته وهنجون. پوءِ ڪپڙا لاٿائون ۽ وڃي پاڻيءَ ۾ ترڻ لڳا. ٿوريءَ دير کان پوءِ قباحت موٽي ڪناري تي آئي، ۽ حسن وارا لٽا اوڍي رمندي رهي. حسن به سمنڊ مان نڪري ٻاهر آيو، ۽ ڏٺائين ته سندس ڪپڙا ڪٿي ڪونه هئا. اگهاڙپ سو ڪرڻ نهايت شرمايو پئي، سو قباحت واري وڳي سان ئي ڪٽي پاڻ ڍڪيائين. پوءِ حسن پنهنجي وات وٺي هليو ويو.

”بنهه اڄ سوڌو، ماڻهو حسن کي قباحت ۽ قباحت کي حسن ڪري پيا سمجهن. تڏهن به ڪي آهن، جن حسن جو مکڙو ڏٺو آهي، ۽ اڄاڻي ويس ۾ به ان کي سڃاڻن ٿا؛ ۽ ڪي آهن، جن کي قباحت جي مڪروهه مهانڊي جي ڄاڻ آهي، ۽ حسن وارو ويس قباحت کي سندن اکين کان لڪائي نٿو.“

— خليل جبران

”ها! هاڻ ڀڄو تہ ڀڄون. ٻانجو ٻٽ ڇڏڻو پيو.“

”ٻٽ ڇڏڻو پوندو؟“

”ها! هاڻ ٻٽ جو منهن الائي ڪڏهن ڏسڻ نصيب ٿئي!“

هو ماندا هلندا، هڪڙي ڀِٽَ ٽپي، ٻي ڀٽ ٽپي، ٽينءَ ڀٽ جي هڪڙي وڏي ٽونڪ تي وڃي چڙهيا. هاڪيءَ هاڪيءَ ميرانجهڙي روشنيءَ جون لارون آپ تي پکڙجي ويون هيون. ٽونڪ تي چڙهي عيسي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن نهاريو، جتي اجا ٿوري ٿوري باھ ڌکي رهي هئي. تانئبا پڙڪو ڪايو وريو جهڪا ٿيو ٿي ويا. ڳوٺ ڏانهن نهاريندي ڪيس هڪڙو جهٽڪو آيو، پير جهلي ويو. ٻئي جهٽڪي تي لڙڪن جي ڇولي ڌڙڪاٽ ڪندي، سڀ بند ٽوڙيندي اکين مان آئل ڪاني نڪري پيئي.

ورهين جو بيٺل ڇيڙهو ڪندو ڪڙڪاٽ ڪندو هيٺ اچي ڪريو.



ڇپ ڇانئجي وٺي. مون وٽ ڳالهائڻ جي لاءِ ڪجهه ڪونه هو. مون کي ڪابه ڳالهه ڪانه ٿي سُجهي. اندر جي مونجهه کي ظاهر ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو! اڻ چيل ڳالهيون اڻ چيل ئي رهن ته چڱو. سڀ ڪجهه ختم ٿي ويڻ کان پوءِ انهن ڳالهين جي اهميت ئي ڪهڙي رهي آهي.

”ڪلاس جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون منهنجي باري ۾ اجا به ڳالهائيندا آهن يا نه؟“ هن جي چپن تي مٺل مرڪ هئي.

”تون هنن جي لاءِ اجا به ڳجهارت آهين.“ مون ائين ئي جواب ڏنو.

”ها، پين کي ڪهڙي پئي آهي، جو هڪ ڳجهارت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن.“

مون هن ڏانهن نهاريو. هن هڪدم منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ اکين ۾ پرجي آيل لڙڪن کي آگهڻ لڳي. پوءِ لڙڪن کي پيئندي چيائين، ”تون به پين وانگر مون کي ڳجهارت ئي سمجهين ها. تو مون کي سمجهي پاڻ کي ڇو ڏُکي ڪيو؟ ڇو دکي ڪيو؟“ هوءَ ڇتَپ کي چڪ پائي آٿي بيٺي.

”منهنجو ساهه ٿو منجهي...“

مون وڻن جي ٿارين ڏانهن ڏٺو. ٿاريون لڏي لمي رهيون هيون، پر پوءِ به هوا ڪانه هئي. چوڌاري اڻ لکيون ديوارون هيون، جن هوا کي روڪي ڇڏيو هو. منهنجو ساهه گهٽجڻ لڳو... مَن چڻ ته ڪنهن سُٽ ۾ پيڙبو ٿي ويو. اوهه نسرين! نسرين...! رڙ نڙيءَ ۾ اچي ڦٽڪڻ لڳي. مون هن ڏانهن نهاريو. هن جي جاءِ خالي پئي هئي- جڻ هوءَ هت ڪڏهن هئي ئي ڪانه.



هن جو آواز بند ٿي ويو، پر ٿوري وقت تائين سندس چپ ڦڙڪندا رهيا ۽ پوءِ ڇپن سان گڏ سندس سڄي جسم جي چرپر ختم ٿي ويئي. منهن تي زردي پکڙجي ويس. سندس روح جو پکي اگرچه اڏامي چڪو هو، پر سندس اکيون هڪ خاص شئي تي ڪتل هيون ۽ اهو هو سندس پٽ!

صبح جو ريحانا جي لاش کي هڪ ڪاٺين جي پيٽي ۾ رکيو ويو، ۽ فقيرن جي ڪلهن تي شهر کان ٻاهر هڪ ميدان ۾ پهچائي دفن ڪيو ويو. مذهبي ٺيڪيدارن هن جي جنازي نماز پڙهڻ کان انڪار ڪيو ۽ ماڻهن هن لاش کي عام مقام ۾ دفن ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. انهيءَ ڏوراهين ميدان ۾، سندس جنازي سان ڪوبه ڪونه ويو، سواءِ سندس پٽ جي، ۽ ٻئي هڪ نوجوان جي، جنهن کي دنيا جي اصل حقيقتن ۽ مصيبتن جو مشاهدو ڪرايو ويو هو ۽ کيس همدرديءَ جو سبق سيکاريو ويو هو.





۱۴- مئي ۱۹۷۵ع تي، پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾، وزير اعظم پاڪستان جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪتاب "نالي ماتر آزادي" جي رونمائيءَ جي تقريب ۾، جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جناب پيار علي الانا وزير تعليم سنڌ، جناب مظهر قاضي پريس سيڪريٽري وزير اعظم پاڪستان ۽ جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ سامعين کي خطاب ڪري رهيا آهن.

معنيو ۽ مبارڪباد جو مستحق بورڊ جو چيئرمن عاليجناب مخدوم محمدزمان ”طالب المولیٰ“ صاحب آهي، جنهن مصنف کان ڪتاب ڇپائڻ جي بورڊ کي لکت ۾ اجازت وٺي ڏني ۽ ڇپائيءَ دوران ڪم جي ترقيءَ ۽ تڪميل بابت ذاتي توجهه فرمايو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ جناب ڀٽي صاحب جي ڪتاب جو هيءُ سنڌي ڇاپو ڪتاب جي اردو ڇاپي کان ڪاغذ، ڇپائي، جلدبنديءَ ۽ ترجمي جي لحاظ کان هروجهہ بهتر آهي، حالانڪ اردو ڇاپو، نيشنل بڪ فائونڊيشن جهڙي ممتاز اشاعتي اداري ڪڍيو آهي، جنهن جا مالي خواهہ ڇپائيءَ جا وسيلا ۽ ذريعا سنڌي ادبي بورڊ کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ آهن.

هن کان اڳ سنڌي ادبي بورڊ جناب ڀٽي صاحب جا ٻہ ڪتاب ٻيا بہ ڇاپيا آهن: هڪ ”ڪشمير جو مسئلو“ ۽ ٻيو ”پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي“. اهي ٻئي ڪتاب انهن تقريرن تي مشتمل آهن، جيڪي صاحب موصوف ڪشمير جي مسئلي ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ بابت وزيرخارجہ جي حيثيت ۾ ڪيون هيون. اهي ٻئي ڪتاب هينئر وڪري لاءِ بورڊ وٽ موجود نہ آهن. ڪجهہ وقت اڳ جڏهن بورڊ جي چيئرمن، جناب ڀٽي صاحب کان انهن ڪتابن جي ٻئي ڇاپي جي اجازت گهري، تڏهن ڀٽي صاحب راءِ ظاهر ڪئي تہ اهي ڪتاب بدليل ملڪي ۽ سياسي صورتحال جي پيش نظر ڪيتري قدر مدي خارج ٿي چڪا آهن، انڪري بهتر ٿيندو تہ ”Myth of Independence“ جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو وڃي. چنانچہ اسان هيئر اهو ڪتاب ”نالي ماتر آزادي“ جي نالي سان شايع ڪيو آهي.

هي ڪتاب جناب ڀٽي صاحب دراصل ڪهڙين حالتن ۾ لکيو ۽ ان جو اصل انگريزي ڇاپو ڪڏهن ۽ ڪيئن شايع ڪيو، ان جو پس پرده داستان، جو غالباً اڄ تائين ڪنهن کي معلوم نہ آهي، جناب قاضي مظهر صاحب اوهان کي ٻڌائيندو. ان کان پوءِ جناب پيارعلي الانا صاحب قائد عوام ذوالفقارعلي ڀٽي وزيراعظم پاڪستان جو هڪ سياسي مفڪر، مصنف ۽ ڪامياب سياستدان جي حيثيت ۾ اوهان سان تعارف ڪرائيندو ۽ ڪتاب ۾ پيش ڪيل خيالن ۽ نظرين تي روشني وجهندو. اهڙيءَ صورت ۾ آءٌ، وڌيڪ وقت وٺي، اوهان ۽ سندن وچ ۾ حائل ٿيڻ نٿو گهران. فقط هڪ ڳالهہ مختصر طرح سان عرض ڪرڻ گهران ٿو، سا هيءَ تہ هيءُ ڪتاب ملڪي ۽ خاص طرح بين الاقوامي سياسي معاملات بابت جناب ڀٽي صاحب جي سياسي فڪر جو آئينه دار آهي، انڪري اهڙن ماڻهن کي، جيڪي انگريزي زبان کان آشنا نہ آهن، هن ڪتاب جي وسيلي موقعو مليو آهي تہ هو جناب ڀٽي صاحب جي سياسي فڪر کان واقف ٿين. ازانسواءِ هن ڪتاب جي اشاعت وسيلي سنڌي زبان ۾ سياست جي موضوع تي جيڪو لٽريچر موجود آهي، ان ۾ قابل قدر واڌارو ٿيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ کي پنهنجي انهيءَ علمي خدمت تي بجا طور فخر آهي.

آءٌ اوهان سڀني جو هڪ دفعو وري بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو، مهرباني.

## عاليجناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولي

### چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جو صدارتي خطاب

قائدعوام جناب ذوالفقارعلي ڀٽي جي ڪتاب "نالي ماتر آزادي" متعلق اجوڪيءَ تقريب ۾ ڪافي گفتگو ٿي آهي. سنڌي ادبي بورڊ اِن ڪتاب کي شايع ڪري ملڪ ۽ قوم جي وڏي خدمت ڪئي آهي. اسان کي بورڊ جي هن ڪم تي فخر آهي. بورڊ، ملڪ جي علمي ادارن ۾ هڪ ممتاز ادارو آهي، جنهن بهترين ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

آءٌ سنڌ جي نوجوانن کي، خاص ڪري شاگردن کي مشورو ڏيندس ته هو قائدعوام جي ان ڪتاب جو مطالعو ڪن، ته جيئن انهن کي پاڪستان جي گذريل ٻن دورن جي جائزي وٺڻ جو موقعو ملي.

آءٌ ان موقعي تي مرڪزي حڪومت توڙي صوبائي حڪومت کي عرض ڪندس ته سنڌي ادبي بورڊ جي وڌيڪ مالي مدد ڪئي وڃي، جيئن هي ادارو پنهنجي سونهري ڪم جي دائري ۾ سهوليت سان خدمتون سرانجام ڏيئي سگهي. بورڊ جيڪو علمي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي، ان جي ڀيٽ ۾ ان جي سالياني گرانٽ ڪجهه به نه آهي. اوهان ويچار ڪريو ته هن مهانگائيءَ جي وقت ۾ پنجانوي هزار رپيا ڪهڙي ڳالهه آهن! بورڊ جي سالياني گرانٽ گهٽ ۾ گهٽ پنج لک رپيا ٿيڻ گهرجي. آءٌ اميد ڪريان ٿو ته حڪومت اسان جو اهو جائز مطالبو قبول ڪندي ته جيئن اسين وڌيڪ جذبي ۽ حوصلي سان علمي خدمت جو ڪم جاري رکي سگهون.





۱۴- مئي ۱۹۷۵ع تي، پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾، وزيراعظم پاڪستان جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪتاب "نالي ماتر آزادي" جي رونمائيءَ جي تقريب ۾ جناب مخدوم محمد زمان طالب المولى چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جناب پيارعلي الانا وزير تعليم سنڌ کي ڪتاب جي ڪاپي تحفي طور ڏيئي رهيو آهي.

# تبصرا

## تذڪره مشاهير سنڌ.

سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل ڪتاب ”تذڪره مشاهير سنڌ“ (مولف حضرت علامہ وفائي رحہ) متعلق چند لفظن عرض ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي اٿم. علمي دنيا ۾ روز سوين ڪتاب ڇپجي رهيا آهن ۽ مختلف موضوعن ۽ مسئلن تي نون-پراڻن ڪتابن جو ڪاٽو ئي ڪونہ آهي. اسان وٽ تاريخ، دينيات، شاعريءَ ۽ تصوف تي ڪيئي معياري شاهڪار شايع ٿي چڪا آهن. ان سلسلي ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي پاران ڇپيل ڪتابن جو مقام مٿاهون آهي، خاص طرح سان سنڌ جي تاريخ تي جلدن جا جلد جديد طرز جي تحقيق ۽ تدقيق سان ڇپيا آهن، جن کي حواشي ۽ معلومات افزا تشريحات سان سينگاريو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جناب پير حسام الدين راشديءَ ۽ جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي محققانہ ۽ مورخانہ خدمت کي وڏو مقام حاصل ٿي چڪو آهي. سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل، عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب، ديوان ۽ تذڪرا، انهن جا متن ۽ تعليقات، حاشيا ۽ ديباچا، تمهيدون ۽ مقدما، جنهن ذميدارانہ حيثيت سان لکيا ويا آهن، تنهن جو قدر تہ صاحب فن ئي محسوس ڪري سگهن ٿا.

”تذڪره مشاهير سنڌ“ پنهنجي عنوان سان ئي واضح آهي. ان ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور شخصيتن جو ذڪر اختصار ۽ جامعيت سان ڪيو ويو آهي. اهو اختصار ۽ ايجاز، اگرچہ ان فن جي محققانہ ۽ ناقدانہ تقاضائن کي پورو نہ ٿو ڪري، تاهم ايندڙ محققن لاءِ هڪ اهڙي راه متعين ٿو ڪري، جنهن تي تحقيق ۽ تاريخ جا ڪيئي معياري دفتر ۽ تذڪرا لکي سگهجن ٿا.

هن ڪتاب جو افادي ۽ تاريخي پهلو اهو آهي تہ منجهس سنڌ جي انهن عالمن، محدثن، فقيهن، صوفين ۽ شاعرن جو ذڪر موجود آهي، جن جي نالن ۽ سندن تاليفات جي چند حوالن کان سواءِ اسان وٽ ٻيو ڪو بہ تفصيل موجود ناهي. هن ڪتاب ذريعي اسان پهرين صدي هجريءَ کان وٺندي ٻارهين صديءَ تائين علمي دور ڏسي سگهون ٿا.

هن تاريخي شاهڪار جي مطالع سان اسان جي علم ۽ يقين ۾ اضافو ٿئي ٿو تہ واقعي سر زمين سنڌ علم ۽ عرفان جو سرچشمو آهي. اسلام جي وقت ۾ توڙي اسلام کان اڳ واري دور ۾ ’سنڌ‘ علم جو مرڪز ۽ مرجع رهندي آئي آهي.

مهراڻ



٢-٣-١٩٧٥ع

سلسلي ۾ سندن قلم مان پنج ڪاپيون موجود آهن. موجوده ڪتاب ۾ ۱۲۴- مشاهير جو ذڪر موجود آهي، باقي چئن ڪاپين ۾ اچا ۳۴۸ مشاهير جو ذڪر موجود آهي. اميد آهي ته انهن جي شايع ڪرڻ جي سعادت وري به سنڌي ادبي بورڊ کي نصيب ٿيندي.

سنڌ جي محقق ۽ مورخ پير حسام الدين راشديءَ هن ڪتاب جي 'مهاڳ' ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي:

"افسوس ۽ ارمان آهي جو مولانا وفائيءَ سان سندس زندگيءَ بيوفائي ڪئي. جڏهن علمي لحاظ ۽ وسيلن جي لحاظ کان زمانو مايوس ڪندڙ ۽ اونداهو هو، تڏهن مولانا صاحب مسلسل علمي جهاد ڪندو رهيو ۽ انهيءَ تاريڪيءَ جي سمي ۾ تحقيق ۽ تلاش جو ڏيو ٻاريندو آيو ۽ جڏهن علم ۽ تحقيق جي ميدان ۾ آسانيون عنقريب پيدا ٿيڻ واريون هيون، ۽ سندس محنتن جي بارآور ٿيڻ جو زمانو ويجهو اچي رهيو هو، عين انهيءَ وقت اجل جي بيرحم هٿ ڪيس جهٽي اسان کان جدا ڪري ڇڏيو. جيڪو حقيقت ۾ سنڌ جي علمي دنيا لاءِ ايڏوئي وڏو سانحو آهي، جهڙو سياسي ميدان ۾ دولهه درياخان جي شهادت يا مولوي صاحب جي زماني ۾ الهه بخش شهيد جو سنڌ کان جدا ٿي وڃڻ."

بيشڪ علامه وفائي جو وجود مسعود، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو، جو دولهه درياخان جي شهادت ۾ مضمر آهي. وفائي، قلم جو جهاد ڪري سنڌ سان وفا ڪئي، ۽ دولهه درياخان، شمشير بڪف ٿي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جان قربان ڪئي. سنڌ 'شمشير ۽ قلم' جي پنهنجي مجاهدن ۽ غازين جي احسانن کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي. درياخان سنڌ کي پنهنجو رت ڏيئي لالا زار بڻايو، سندس شهادت سنڌ لاءِ سرمايه سعادت آهي، تيئن علامه وفائي پنهنجو نور نچوئي قلم سان سنڌ جي روح لاءِ سيرابيءَ جو سامان پيدا ڪيو. سنڌ جي روح جي تازگيءَ لاءِ سنڌ جي مشاهير علماءِ ۽ صالحاءِ جو ذڪر لکيائين.

ڪاش! اسان مان ڪي اهڙا مرد پيدا ٿين جي مولانا وفائيءَ جي سلسلي کي جاري رکن. اسان جون نگاهون پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر بلوچ ۽ مولانا قاسمي ڏانهن اٿيون آهن، جي ان ڪم کي تڪميل تائين پهچائي سگهن ٿا.

"تذڪره مشاهير سنڌ"، ڊيمي سائيز جي ۳۷۶ صفحن تي مشتمل آهي. ان جي ڇپائي ۽ ڪاغذ نهايت عمدا آهن. سرورق پڻ جاذب نگاهه ۽ دلڪش آهي. ان جي قيمت ويهه رپيا آهي. ٽپال رستي مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد جي ائڊريس تان گهرائي سگهجي ٿو، سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشوري ۾ بورڊ جي آفيس مان روبرو پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿو. — غ. م. گ

# نواب محمدعلي خان لغاري

هيءَ خبر علمي ۽ ادبي دنيا لاءِ نهايت ڏک پهچائيندڙ آهي ته تاجپور جي لغاري نوابن جي خاندان جي چشم و چراغ ۽ مشهور علم دوست بزرگ نواب حاجي محمدعلي خان ٩-سيپٽمبر ١٩٧٥ع تي وفات ڪئي. انالله و انا اليه راجعون.

نواب محمدعلي خان مرحوم، تاجپور جي لغاري نوابن جي مورثِ اعليٰ نواب ولي محمد خان (وزيراعظم سنڌ) جي خاندان جو چشم و چراغ هو. مرحوم نواب صاحب جي ساري زندگي ڪتابن جي مطالع ۾ گذري. ڪتابن جو اهڙو شوقين ڪو ورلي هوندو. مرحوم پنهنجي علمي ذوق جي تسڪين جي سلسلي ۾ ڪيئي ناياب ڪتاب گڏ ڪيا، جن جو اڄڪلهه ملڻ نهايت مشڪل آهي. سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ڪتابن، رسالن ۽ مخزنن جو نهايت قيمتي ذخيرو گڏ ڪيائين. سندس ڪتبخانو ساري سنڌ ۾ شهرت حاصل ڪري چڪو آهي.

علمي ۽ ادبي خدمت جي سلسلي ۾ سنڌ جي زراعت جي اصلاح ۽ هارين جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ رنگين ۽ باتصوير رسالو "نئين ڪيتي" ماهوار شايع ڪرايائين. ان رسالي جو سرپرست نواب حاجي نوراحمد خان لغاري هو، ۽ ايڊيٽر نواب حاجي جان علي خان لغاري رهيو. ان رسالي ۾ علم ۽ ادب، تاريخ ۽ تهذيب کان علاوه شعر و شاعري ۽ ديني معلومات تي به معياري مقالا شايع ٿيندا هئا. خاص طرح سان سنڌ جي زراعت ۽ ان جي فني مسئلن ۽ مشڪلاتن متعلق ماهرن کان مقالا لکايا ويندا هئا. اهو حصو مسٽر ڪريم ڏني راڄپر جهڙي زراعت جي ماهر جي مشوري سان تيار ڪيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ نئين ڪيتي پبليڪيشن پاران ڪافي ڪتاب شايع ڪيا ويا، جن جو تعلق سنڌ جي زراعت سان آهي، مثلا ڪپهه، ڪڻڪ، ڪمند، ٻارين ۽ ٻين جنسن متعلق رنگين تصويرن سان ڪتاب ڇاپيا ويا. رسالو نئين ڪيتي به لاڳيتو ٽي سال ڪن هليو. افسوس جو اهو رسالو اڳتي هلي جاري رهي نه سگهيو. اڄ به اگر نئين ڪيتي رسالي ۾ آيل فني مقالن کي ترتيب ڏئي ڇاپيو وڃي ته هوند سنڌ جي زراعت تي ڪافي علمي ذخيرو گڏ ٿي سگهي ٿو. ان متعلق سندس متعلقين ۽ عزيزن کي سوچڻ گهرجي. مرحوم مغفور نواب صاحب جو اهو علمي ذخيرو ئي تاريخي يادگار بڻجي سگهي ٿو ۽ اهوئي سندس ورثو آهي.

نواب صاحب مرحوم هڪ وڏي خاندان جي مشهور فرد ۽ بااثر زميندار ۽ جاگيردار هجڻ جي باوجود، نهايت ملنسار ۽ متواضع شخصيت جو مالڪ هو. مرحوم ڪچهرين جو مور هو. علمي تبادلہ خيالات ۽ ڪتابن ۽ رسالن جي مطالع ۽ گڏ ڪرڻ ۾ ئي وقت گذاريندو هو. عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن، ديندارن ۽ علم وارن ماڻهن سان سندس مخلصانه ۽ دوستانه تعلق پڄاڙيءَ تائين قائم رهيو. سندس دسترخوان بيحد وسيع هو. مهمانن جي موجودگي سندس لاءِ وڏي نعمت هوندي هئي. هميشه گوشه نشين ٿي رهيو ۽ وقت جي نزاڪت کي محسوس ڪري خاموش زندگي گذاريائين.

# "سنڌ صدين کان"

## بين الاقوامي سيمينار

١٩٧٥ع



واحد وسائينس، آهون عالم جون سُٽي،
موڪل ٿئي مينهن کي، ڌِلُ مَ ڌرسائينس،
وسائي واڍن تي، اوپڙ اُپائينس،
صاحب ساريءَ سنڌ تي، بادل برسائينس،
پڪا پڪن سامهان، اوري اڏائينس،
هون سدائين هِتهين، رب ڌون رهائينس،
"مصري" ملائينس، ڪنڌ وانگر ڪير ۾.
ـ مصري شاهه نصرپوري

سوڍي مانڊاڻن جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌار،
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪن مڇيا مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، گڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڌنا بيڪانير بڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪن اچي عمرڪوٽ تان وسائيا ولهار،
سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

— شاهه لطيف

# سنڌ ۽ سنڌو

-"جنهن وقت هتي جي تير جي، ميدانِ جنگ ۾ تعريف ٿي رهي هئي، تڏهن ڪن دوستن 'سنڌ' جي فضيلت کان انڪار ڪيو، جو درست ناهي.

-"منهنجي جان جو قسم! هيءَ اها برڪت ڀري پلاري سرزمين آهي، جنهن تي جڏهن مينهن وسي ٿو، تڏهن ان مان ماڻهن جي سينگار واسطي چٽ موتي ۽ ياقوت پيدا ٿين ٿا. سونهن ۽ سوڀيا وڌائڻ لاءِ هتي مشڪ، ڪافور، عنبر، عود، اگر ۽ طرح طرح جي خوشبوءِ موجود آهي، ۽ پڻ قسم قسم جا عطار ۽ جعفر، سنبل، عاج، ساڳ ۽ صندل- موجود آهن! ۽ هتي ڪانگ، طوطا، مور ۽ ڪبوتر آهن. هتي ناريل آهن، آبنوس آهي، ۽ هتي ڪارن مرچن جا وڻ آهن! هتي جي ترار بي‌نظير آهي، جنهن کي تيز ڌارَ ڏيڻ جي ضرورت ئي ناهي! هتي جا تير اهڙا تيز آهن، جو جڏهن ڪمان‌ کان نڪرن ٿا، تڏهن دشمن جي ساري فوج ۾ دهشت ڇانئجي ٿي وڃي!

-"پوءِ افسوس! سواءِ بيوقوف جي ٻيو ڪير انهن خوبين کان انڪار ڪري سگهي ٿو!"

- ابوضلع سنڌي- (هجريءَ ٻهرين صديءَ جو عربي شاعر.)

---

-"او سنڌو! تون ستن سهيلين سان گڏجي وهين ٿي ۽ ساڄي کان ڪيا (ڪابل)، گومتي (گومل) ۽ ڪرمو (ڪرم) توسان گڏجي هلن ٿيون!

-"او سنڌو! تون شفاف، صاف ۽ چمڪندڙ امرت جهڙو پاڻي ڪٺي ميدان لتاڙين ٿي. او سنڌو! او مها سيناپتي! تنهنجي تيز رفتار جو منظر پروقار ۽ شاندار گهوڙيءَ وانگر آهي!

-"او سنڌو! تون سوڀياوان راڻيءَ وانگر رَٿ تي سوار آهين. ٻيون نديون گهوڙن وانگر تنهنجي رٿ کي ڇڪين ٿيون. تنهنجي ڳلي ۾ سونيون ۽ سُندر مالهائون پيل آهن، جي توکي غنيمت جي مال وانگر هٿ لڳيون آهن. تو وٽ سونُ، ڪپهه، اناج ۽ خوشبودار گل ڦل آهن. تنهنجي ڪپَرَن تي سُرها گل ۽ اوپڙ آيرن ٿا!

-"او سنڌو! او سوڀياوان! تنهنجي پوشاڪ لال ڪنوار وانگر گلن مان ٺهيل آهي. تنهنجي جواني، ديواني ۽ لافاني آهي!" - رگ ويد

# ”سنڌ صدين کان“

## بين الاقوامي سيمينار

هن سال، مارچ مهيني ۾، ٣ تاريخ کان ١٠ تائين ڪراچيءَ ۾ سنڌ بابت هڪ بين الاقوامي سيمينار منعقد ٿيو، جنهن ۾ دنيا جي چئن ئي ڪنڊن مان چاليهن کان مٿيرو ممتاز عالم ۽ ماهر ۽ سؤ کن ڏيهي عالم شريڪ ٿيا. سنڌ جي گذريل پنجن هزارن ورهين جي تاريخ ۾ ايڏي وڏي پيماني تي علمي گڏجاڻي نه ٿي آهي. ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي هر وصف تي بي بها علمي مضمون پڙهيا، جي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويندا.

سيمينار جا روزانو ٻه اجلاس ٿيندا هئا: هڪ صبح جو ۽ ٻيو شام جو. هر اجلاس جون الڳ الڳ بيٺڪون ٿينديون هيون. هر روز منجهند جو ۽ رات جو سنڌ جا امير ۽ وزير، عالمن جي مان ۾ شاندار دعوتون ڏيندا هئا. سيمينار جي خاتمي بعد عالمن کي ڀنڀور، ٺٽي، ڀٽشاهه ۽ موهن جي دڙي جو سير ڪرايو ويو. ڏيهي عالمن جي رهائش جو بندوبست سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن جي شاندار هاسٽل ۾ ڪيل هو ۽ پرڏيهي عالمن جي رهائش عربي سمنڊ جي ڪناري تي، ڪراچيءَ جي پرڪيف ”بيچ لگزري“ هوٽل ۾ هئي. سيمينار جا اجلاس حبيب بئنڪ جي ٢٢-ماڙ عمارت جي چوٽيءَ وارن ايئرڪنڊيشنڊ هالن ۾ هلندا هئا، پر سيمينار جو افتتاح پاڪستان جي اسٽيٽ بئنڪ هال ۾ ٿيو.

٣ مارچ ١٩٧٥ع تي شام جو جڏهن ڪراچيءَ جي آسمان تي شفق جي لالاڻ ڇانئجڻ لڳي، تڏهن اسٽيٽ بئنڪ جو خوبصورت هال رنگبرنگي بتين ۽ ٽي. وي ڪئميرائن جي روشنيءَ ۾ ڀڪڻ لڳو. مقرر وقت تي پاڪستان جو صدر چوڌري فضل الاهي تشريف فرما ٿيو. کانئس اڳ گورنر سنڌ، وزيرِاعليٰ سنڌ، سفارتي نمائندا، سنڌ جا وزير، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل نامور عالم، ڏيهي عالم، ملڪ جون ممتاز شخصيتون، معزز شهري زالون ۽ مرد پهچي چڪا هئا. صدر جي اچڻ بعد افتتاحي تقريب قرآن مجيد جي تلاوت سان شروع ٿي. صدر پاڪستان پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ فرمايو:

”سنڌي ثقافت جو اصل خزانو ٻهراڙين ۾ آهي. انهيءَ خزاني کي جديد ترقياتي دؤر ۾ محفوظ رکڻ لاءِ ترت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي ادارن ان خزاني جي حفاظت نه ڪئي ته جديد دؤر ۾ ان خزاني کي نقصان پهچي سگهي ٿو.

”مون کي ان ڳالھہ جو احساس آهي تہ اسين سڀ جيڪي هتي اچي گڏ ٿيا آهيون، سي انهيءَ قومي ورثي جي حفاظت لاءِ مخلص آهيون. سنڌ انساني تهذيب ۾ اڻ-ٽٽ واڌارو ڪيو آهي. حضرت عيسيٰ جي ڄم کان ٻہ اڳ موهن جي دڙي ۽ آمريءَ واريون تهذيبون سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت جا روشن نشان آهن. ان سلسلي ۾ سنڌ، سنڌو درياءَ جي ٿورائتي آهي، جو هر دؤر ۾ ان جي خوشحالي ۽ ثقافتي انفراديت جو سرچشمو رهيو آهي. سنڌ جي تهذيب بجا طور دنيا جي تاريخ ۾ نيل، دجلہ ۽ فرات جي عظيم تهذيبن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي ٻيهڻ جي حقدار آهي. سنڌ جي ڊگهي تاريخ ۾ ڪافي لاها چاڙها آيا آهن؛ ليڪن ان جي منفرد جاگرافيائي حيثيت ان جي ثقافتي ورثي کي ٻاهرين اثرن کان نسبتاً محفوظ رکيو آهي.

”سنڌ جي راندين، موسيقي ۽ هنرن ۾ هڪ خاص قسم جي انفراديت آهي. شاعريءَ ۽ موسيقيءَ ۾ پڻ قابلِ فخر روايتن ۽ عظيم ورثي جي دعويٰ ڪري سگهي ٿي. سنڌي فنڪارن سنڌي موسيقيءَ کي ايران تائين پهچايو هو. عظيم شاعر شاھہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي موسيقيءَ ۾ نئين روايتن جو بنياد وڌو. شاھہ عبداللطيف ڀٽائي، لال شهباز ۽ سچل سرمست پنهنجي تصوف جي وسيلي مٿاهون مقام حاصل ڪيو ۽ سنڌن طالبن ۽ مريدن سنڌن پيغام دنيا جي هر حصي ۾ پهچايو. عوامي ادب ۾ اسان سيني دودي چنيسر، سسئي پنهون جا قصا ٻڌا آهن، پر انهن سڀني قصن ۾ سڀ کان متاثر ڪندڙ داستان عمرمارئيءَ جو آهي. سنڌ ۾ اعليٰ ادب جون سموريون عظيم ۽ پروقار روايتون ملن ٿيون.

”سنڌ جا عظيم ڪارناما فقط ماضي بعيد جي ڳالھہ نہ آهن. سنڌ پاڪستان جي جدوجهد ۾ پڻ پهرينءَ صف ۾ هئي. سنڌ کي فقط اهو اعزاز حاصل نہ آهي تہ هتي قائداعظم جنم ورتو، پر اهو پڻ فخر حاصل آهي تہ سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ سڀ کان اول پاڪستان جي لاءِ ٺهراءَ بحال ڪيو.“

سنڌ جي وڏي وزير جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ انهيءَ موقعي تي پنهنجيءَ تقرير ۾ فرمايو:

”سنڌ باب الاسلام آهي. پاڪستان جو هي صوبو موهن جي دڙي ۽ آمريءَ جي قديمي تهذيبن جو سرچشمو آهي. سنڌ ڄڻ تہ مختلف نسلن جو مخزن آهي. سنڌ کي پنهنجي هڪ مخصوص زرخيزي آهي. سنڌ کي قدرت مالامال ڪيو آهي. هماليہ جبل کان

عربي سمنڊ تائين سنڌو درياءُ سرحد جي جبلن، پنجاب جي ميدانن ۽ سنڌ کي سيراب ڪندو گذري ٿو. اهو هن سرزمين جي حياتيءَ جي شهه رڳ آهي."

"سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ تسلسل آهي. سنڌ فوجن ۽ لشڪرن جي گذرگاهه گهٽ رهي آهي. سنڌ ۾ جيڪو به آيو، سو مستقل طرح هتان جو ٿي رهيو."

"ڀارت کان وٺي برما ۽ بنگله ديش تائين عظيم فلسفين ۽ صوفين جا استاد سنڌي هئا. سنڌ تصوف ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو آهي. صوفين جا سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ قلندر لال شهباز سنڌ جا هئا. سنڌ جي ثقافت ۾ تنوع آهي ۽ انهيءَ رڳو عرب دنيا کي نه پر ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ مشرق بعيد کي پڻ متاثر ڪيو آهي."

آن موقعي تي سنڌ جي وزير تعليم ۽ ثقافت جناب پيارعلي الانا پنهنجي مرحبائي تقرير ۾ فرمايو:

"اڄوڪي سيمينار جو مقصد سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي تحقيق آهي. هي سيمينار ان مقصد سان پڻ منعقد ڪيو ويو آهي ته جيئن پاڪستان جي هن اهم صوبي جي عظيم تاريخ ڪي منظرعام تي آڻجي. هڪ سٺي شهريءَ جي حيثيت ۾ هر شخص لاءِ ضروري آهي ته هو ثقافتي ورثي جي ڄاڻ رکي ۽ پنهنجي ماضيءَ کان واقف هجي. سنڌ جي جاگرافيائي حيثيت سنڌ جي ثقافت جي تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هتي جي ثقافت ۾ ايران، عرب، وچ ايشيا ۽ ڀارت جون ثقافتون ملي هڪ ٿي ويون آهن. سنڌي زبان ايتري ته وسيع ۽ شاهوڪار آهي، جو دنيا جي سڀني زبانن جا آواز ۽ تلفظ اُچاري سگهي ٿي. مون کي يقين آهي ته دنيا جي ڪنڊڪڙڇ مان آيل اسان جا معزز مهمان عالم سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ ۾ دلچسپي وٺندا ۽ ان جي عظمت کان دنيا کي واقف ڪندا."

افتتاحي تقريب جي آخر ۾ سنڌ جي گورنر بيگم لياقت علي خان، سنڌي ثقافت جو نشان سنڌي اجرڪ، پاڪستان جي صدر چوڌري فضل الاهيءَ جي ڪلهن تي اعزاز طور وڌو.

افتتاحي اجلاس ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر (مرحوم) ڊاڪٽر محمود حسين سنڌ سيمينار لاءِ ملڪي ۽ غيرملڪي ممتاز شخصيتن جا پيغام پڙهي ٻڌايا.

# وزير اعظم پاڪستان جناب ذوالفقار علي ڀٽي جو پيغام

مان قائد اعظم جي شهر ۽ صدين کان وهندڙ سنڌوءَ جي سرزمين تي، ”سنڌ صدين کان“ بين الاقوامي سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏ ٿيل عالمن کي دلي مبارڪون ڏيان ٿو. مون کي اميد آهي ته هي سيمينار ان سلسلي جي پهرين ڪڙي ٿيندي، جنهن کي مرحلن ۾ ورهائي سڄي پاڪستان لاءِ مرتب ڪيو ويندو. اهو ضروري آهي ته اهڙن علائقن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي، جتي علم جا لڪل خزانا پوريل آهن. تاريخدانن آڏو وڏي ۾ وڏو چئلينج اهو آهي ته علم جا اهي خزانا ڳولي هٿ ڪيا وڃن، جن بابت معلومات يا ته دنيا جي ڪتبخانن ۽ عجائب گهرن ۾ بند آهي، يا هن ملڪ جي ڌرتيءَ هيٺ لڪل آهي. انهن خزانن جي علمي طريقي سان کوجنا ۽ کوجنا ڪندڙن جي ڇاڻ جي ڏي وٺ مان اسان کي نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين صوبن جي سڃاڻپ ملندي رهندي، پر سڄي پاڪستان جي تاريخي شخصيت ڇاڻ جي سلسلي ۾ نيون راهون ملنديون. نتيجي ۾ پورو ڪم انساني تهذيب جي اڻ کٽ پهلوئن جي ڇاڻ حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيلو بڻجي پوندو. گلگت کان سنهوڙي ۽ خيبر کان گوادر تائين پوري پاڪستان جي تاريخ جو عڪس پيش ڪرڻو آهي. اميد آهي ته هي سيمينار انهيءَ قسم جي ڪوشش کي تيز ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. مان سيمينار جي انتظام ڪندڙن کي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته اسان جي معزز مهمانن جي پاڪستان ۾ رهائش خوشگوار ۽ نتيجه خيز ثابت ٿيندي.



قائد عوام، جناب ذوالفقار علي ڀٽو
وزير اعظم پاڪستان

## سنڌ جي وڏي وزير جناب غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جو پيغام

ننڍي کنڊ جو باب الاسلام، سنڌ آهو واحد صوبو آهي، جنهن جي قانون ساز اسيمبليءَ سڀ کان اول مسلمانن لاءِ هڪ الڳ ملڪ 'پاڪستان' جي لاءِ ٺهراءُ منظور ڪيو. پاڪستان جو بنياد وجهندڙ حضرت قائداعظم محمد علي جناح ۽ پاڪستان جو محافظ قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ ۾ پيدا ٿيا. سنڌ کي اهڙيءَ ريت اسلام ۽ پاڪستاني قوم جي تاريخ ۾ زبردست اهميت حاصل آهي. سنڌ دنيا جي عظيم تهذيبن جو سرچشمو آهي، جنهن جي تاريخ ۽ ثقافت جي خزاني پاڪستاني قوم جي تاريخ ۽ ثقافت کي شاهوڪار بنايو آهي. جڏهن اسين پاڪستان جي ڳالهه ٿا ڪريون ته اُن مان اسان جي مراد چئني صوبن لاءِ آهي. اسان جو فرض آهي ته پاڻ ۾ شاندار اتحاد جو مظاهرو ڪري دنيا کي ڏيکاريون ته پاڪستاني قوم دنيا جي سڀ کان شاهوڪار ثقافتي ورثي جي مالڪ آهي. پاڪستان جي شاندار تاريخ ۽ ثقافت کي دنيا جي اڳيان سهڻي نموني پيش ڪري اسين سڄيءَ قوم کي سندن ڪاميابين جو انعام ڏينداسون.

آءٌ "سنڌ صدين کان" بين الاقوامي سيمينار جي انتظام ڪندڙ ڪارڪنن جي ڪوشش کي ساراهيندي يقين سان چوان ٿو ته ان وسيلي بين الاقوامي برادريءَ ۾ پاڪستان لاءِ صحتمند دلچسپي ۽ خيرسگاليءَ جو جذبو وڌندو.



جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي
وزير اعليٰ سنڌ

## گورنر سنڌ بيگم رعنا لياقت علي خان جو پيغام

عالمي برادريءَ ۾ پاڪستان جي علمي ۽ ثقافتي تعارف لاءِ هر ڪوشش قابل قدر آهي. مون کي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته سنڌ سرڪار ”سنڌ صدين کان“ عنوان سان هڪ بين الاقوامي مذاڪرو ڪرائي رهي آهي، جنهن ۾ ٻاهرينءَ دنيا جا پنجاهه برک عالم ۽ پاڪستان جا سؤ کن ماهر ڀهرو وٺندا ۽ علمي مقالا پڙهندا.

هن مذاڪري جي ڪري پاڪستان جي عظيم تاريخي ثقافتي ورثي ۾ دنيا جي دلچسپي پيدا ٿيندي، جنهن جو سنڌ هڪ اڻ ٽٽ حصو آهي. آءٌ هن بين الاقوامي مذاڪري جي انتظام ڪندڙن جي مڪمل ڪاميابيءَ لاءِ دعاگو آهيان.

## گورنر بلوچستان نواب احمد يار خان آف قلات جو پيغام

مون کي اهو ٻڌي بيحد خوشي ٿي آهي ته هڪ انتظامي ڪميٽي، جنهن سان سنڌ جي حڪومت، سنڌ ۽ ڪراچيءَ جون يونيورسٽيون منسلڪ آهن، جي زير انتظام ڪراچيءَ ۾ "سنڌ صدين ڪان" عنوان تي هڪ بين الاقوامي سيمينار منعقد ٿي رهيو آهي. پرڏيهي ملڪن ۽ پاڪستان جا ٻرک عالم مذڪور سيمينار ۾ حصو وٺي رهيا آهن. مون کي يقين آهي ته سيمينار جو بحث سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي پاڪستان جي هڪ اڻ ٽٽ حصي طور وضاحت سان پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو، جنهن کي هزارين سال اڳ جون روايتون رکڻ جو امتياز حاصل آهي. آءٌ سيمينار جي مڪمل ڪاميابيءَ لاءِ دعاگو آهيان.

# گورنر سرحد جناب سيد غواث جو پيغام

مون کي اهو ٻڌي خوشي ٿي آهي ته ڪراچيءَ ۾ "سنڌ صدين ڪان" عنوان تي هڪ بين الاقوامي مذاڪرو ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪن جي مشهور عالمن جي شرڪت جي توقع آهي.

مذاڪري جو موضوع سچ پچ ڏاڍو سٺو چونڊيو ويو آهي. سنڌ پنهنجي آڳاٽي تاريخ ۽ ثقافتي پس منظر سان هر دؤر تي پنهنجا نشان ڇڏيا آهن. اچا تائين موهن جي دڙي جا آثار آڳاٽين تهذيبن جي ان مثالي عظمت جو ثبوت مهيا ڪن ٿا، جيڪو ڪيترن همعصر تهذيبن جو سنگ ميل آهي. مسلمان سنڌ منجهان ئي ننڍي کنڊ ۾ گهڙيا ۽ ائين چئي سگهجي ٿو ته برصغير جي هر حصي ۾ اسلام جي تبليغ جو بنياد سنڌ مان پيو. منهنجي خيال ۾ انهيءَ پهلوءَ تي اسان جن عالمن ۽ ليکڪن طرفان پورو توجهه نه ڏنو ويو آهي.

مون کي اميد آهي ته هن مذاڪري جي نتيجي ۾ همعصر تهذيبن ۾ سنڌ جي حصي ۽ خاص طرح ننڍي کنڊ ۾ اسلام جي تبليغ ۾ هن جي ڪردار تي ڪافي روشني پوندي.

# پنجاب جي وڏي وزير جناب محمد حنيف رامي جو پيغام

مون کي اهو معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته ڪراچيءَ ۾ ”سنڌ صدين کان“ موضوع تي هڪ وڏي ثقافتي ميلي جو انتظام ڪيو پيو وڃي. تاريخ جو هرهڪ شاگرد ڄاڻي ٿو ته پاڪستان جي ثقافتي ورثي کي شاهوڪار بنائڻ ۾ سنڌ جو وڏو حصو آهي. دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ يعني سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو سرچشمو هئڻ ڪري، سنڌ کي پنجن هزارن سالن کان روايتن کي زنده رکڻ جو مثالي اعزاز حاصل آهي. نه فقط ايترو، پر سنڌ تاريخ جي ڪتابن ۾ بابن مٿان بابن جو اضافو ڪيو آهي ۽ اڄوڪي پاڪستان جي سماجي ۽ ثقافتي نقشي تي گهرو اثر ڇڏيو آهي.

انهيءَ حقيقت کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي ته حال کي سمجهڻ ۽ بهتر مستقبل جي رٿابندي ڪرڻ لاءِ ماضيءَ کي سمجهڻ هڪ بنيادي ضرورت آهي. عوام جو ماضي ۽ مستقبل، حال ۾ سمايل آهي. آئيندي جو اندازو تڏهن ڪري سگهبو جڏهن اها پروڙ هوندي ته جيڪي هينئر آهي اهو ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو آهي. ان پس منظر ۾ ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته ”سنڌ صدين کان“ سيمينار جي انتظام ڪرڻ جي ڪوشش انتهائي قابل قدر آهي.

آءٌ منتظمين توڙي شرڪت ڪندڙن کي مبارڪباد ڏيان ٿو.

# بلوچستان جي وڏي وزير ڄام غلام قادر خان جو پيغام

"سنڌ صدين کان" بين الاقوامي مذاڪري جي افتتاح جي موقعي تي پيغام موڪلڻ آءٌ پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهان ٿو.

سنڌ دنيا جي پراڻين تهذيبن جو گهوارو رهي آهي ۽ ان ڪري هر پاڪستانيءَ جو ڳاٽ فخر کان اوچو ٿيو وڃي. هر پاڪستانيءَ تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته هو آن روح کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن، جيڪو صدين کان وٺي سنڌ ۾ تهذيبن کي جيارينداو آيو آهي.

آءٌ اهو پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته سنڌ سرڪار کي ۽ خاص طرح سيمينار جي منتظم ڪميٽيءَ کي سيمينار منعقد ڪرائڻ لاءِ ڪيل اڻٿڪ ڪوشش لاءِ مبارڪباد ڇوان. منهنجو ايمان آهي ته اهو سيمينار سنڌ جي ثقافتي ورثي کي ان جي اصلي شڪل ۾ عيان ڪرڻ لاءِ ضروري هو ۽ اهو درحقيقت پاڪستان جي ثقافتي زندگيءَ جو صحيح عڪس پيش ڪري ٿو.

مون کي اهو ٻڌي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته سڄيءَ دنيا مان آيل معزز عالم ۽ اسان جا ملڪي عالم هن اهم مباحثي ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن ۽ آهي سنڌ جي تاريخ، آثار قديمه، ادب، مذهب، فلسفي ۽ ثقافت تي مضمون پڙهندا.

هن سيمينار جي اهميت محسوس ڪندي منهنجي خواهش آهي ته آن جون سموريون ڪاروايون رڪارڊ ڪيون وڃن ۽ سموري قوم جي مفاد لاءِ ڇاپيون وڃن.

آءٌ اوهان ۽ هن سيمينار ۾ سڀني شرڪت ڪندڙن جي ڪاميابيءَ لاءِ دعاگو آهيان.

سنڌ سيمينار جي افتتاحي
اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ
جناب مخدوم محمد زمان
طالب المولي، چيئرمن
سنڌي ادبي بورڊ ۽ وائيس
چيئرمن پاڪستان پيپلس پارٽي
جناب فضل الاهي چوڌري،
صدر پاڪستان جي آجيان
ڪري رهيو آهي. جناب
مخدوم صاحب جي پاسن کان
مخدومزاده محمد امين فهيم
ايم.اين.اي.، آغا صدرالدين
نائب اسپيڪر ۽ جناب
هزارخان بجارائي وزير پريس
انفرميشن سنڌ بيٺل آهن.





احي اجلاس پوري ٿيڻ کان پوءِ
ب فضل الاهي چوڌري، صدر پاڪستان
جي وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ خان
ئيءَ ۽ وزير تعليم پيارعلي الانا سان گڏ
س وڃي رهيو آهي. سنڌ ۾ ڪُلهي تي
ي اجرڪ رکيل آهي جو ڪيس گورنر سنڌ
م رعنا لياقت علي خان افتتاحي اجلاس ۾
ي طور ڏنو.



سنڌ سيمينار ۾ آمريڪا جو نمائندو مسٽر ٽڪسٽن ويلر پنهنجو مقالو پڙهي رهيو آهي. هن اجلاس جي صدارت
جناب حسام الدين راشديءَ ڪئي ۽ سيڪريٽريءَ جا فرائض ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسينيءَ سرانجام ڏنا.



سنڌ يونيورسٽيءَ جو نمائندو، پروفيسر معزالدين سنڌ سيمينار ۾ پنهنجو مقالو پڙهي رهيو آهي. هن اجلاس جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪئي ۽ سيڪريٽريءَ جا فرائض ڊاڪٽر حميده کهڙه سرانجام ڏنا.



سنڌ سيمينار جي اجلاس جو هڪ دلڪش منظر. دنيا جي ڪنڊڪڙڇ مان آيل عالم سنڌ شناسيءَ جي مسئلن تي ويچار ڪري رهيا آهن.



ڊاڪٽر ائنيمري شمل ۽ مسٽر ٽڪسٽن ويلر سيمينار ۾ ڪو خاص مقالو غير معمولي توجهہ سان ٻڌي رهيا آهن.



مس گلشن خاڪي ۽ بيگم ممتاز راشدي پڻ همہ‌تن گوش آهن. سندن پٺيان نواب نوراحمد خان لغاري پڻ وڏي انهماڪ سان مقالو ٻڌي رهيو آهي.



هالنڊ جي نمائنده عالم پروفيسر ڦان لوزان سنڌ سيمينار ۾ پنهنجو مقالو پڙهي رهي آهي. هن اجلاس جي صدارت
جسٽس فيروزنانا ڪئي ۽ سيڪريٽريءَ جا فرائض آثار قديم جي ماهر جناب حميديءَ سرانجام ڏنا.



هن اجلاس ۾ مسٽر رشيد ڀٽي پنهنجو مقالو پڙهي رهيو آهي



سيمينار جي اجلاس ۾ چاءِ جي وقفي جو منظر — چوطرف ڇهڇٽو آهي ۽ هر ڪنهن جي چهري تي خوشيءَ جي مرڪ!



چانهہ جي وقفي دوران جناب پيارعلي الانا وزير تعليم سنڌ سان
ڪ غيرملڪي عالم گفتگو ۾ مصروف آهن.



جناب هزار خان ٻجاراڻي وزير اطلاعات سنڌ سان سيمينار جا
ڪ غيرملڪي عالم تبادلہ خيالات ڪري رهيا آهن.

سنڌ سيمينار جي ختم ٿيڻ تي ڪارڪنن ۽ ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن آئيندي جي يادگيريءَ لاءِ گڏجي تصويرون ڪڍايون.



(١) ڪارڪن (٢) بيگم شمس سومرو (٣) پروفيسر شمل (۴) پير حسام الدين راشدي (۵) بيگم شيرين شيخ (٦) بيگم ممتاز راشدي ۽ (٧) ڊاڪٽر غلام علي الانا.



سنڌي قلمي ڪتابن ۽ هنرن جي نمائش جي افتتاح وقت جناب پيارعلي الانا وزيرتعليم، بيگم رعنا لياقت علي خان سنڌ جي گورنر کي سيمينارجي عالمن سان متعارف ڪرائي رهيو آهي. بيگم صاحبه هن تصوير ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ سان هٿ ملائي رهي آهي.



پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه سنڌ جي گورنر کي سنڌ جي شاعرن جي شاهه، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو قرآن مجيد ۽ طنبورو ڏيکاري رهيو آهي.



بيگم ثمينہ قريشي، سنڌ جي گورنر کي سنڌي هنر جو هڪ نادر نمونو ڏيکاري رهي آهي. گورنر جي پاسي ۾ جناب پيارعلي الانا وزير تعليم سنڌ ۽ پٺيان پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ نظر اچي رهيا آهن.



جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ جي گورنر بيگم رعنا لياقت علي خان کي
سنڌي زبان جو پهريون پهريون ڪتاب "مقدمة الصلواة" ڏيکاري رهيو آهي.

ڊاڪٽر شمل پروفيسر ايرج افشار، پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر علي اڪبر جعفري سنڌي قلمي ڪتابن ۽ هنرن جي نمايش ڏسي رهيا آهن.

هنن خوشيءَ جي گهڙين جي خوشبوءِ هر هڪ جي چپن تي کهڙي نه ميٺي مُرڪ آندي آهي!





نمائش ۾



سنڌ سيمينار ۾ ورتل هڪ گروپ فوٽو: جناب غلام رباني، پير حسام الدين راشدي، جناب پيارعلي الانا ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.



ڪراچيءَ ۾ سيمينار جي اجلاسن ختم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ شناسيءَ جا عالم سنڌ گهمڻ ويا. ڪراچيءَ کان ڪجهه ميل پري هالنڊ جي نمائنده عالم، فان لوزان چوڪنڊيءَ جي تاريخي قبرن جون تصويرون ڪڍي رهي آهي.



آمريڪي عالم، پروفيسر يوجين ڪنيز چوکنڊيءَ ۾ هڪ قبر جي
حيرت انگيز اڏاوت کي جاچي رهيو آهي.



سنڌ شناسيءَ جا عالم سنڌ جي سير سفر دوران چوکنڊي ۽ ڀنڀور ڏسڻ بعد ٺٽي ۾ مير ابوالبقا اميرخانيءَ جي
يارهين صديءَ هجريءَ ۾ جوڙايل جامع مسجد ڏسڻ ويا. اها مسجد مغل شهنشاهه شاهجهان جي ايامڪاريءَ ۾
ٺهي هئي. انڪري هرڌنڌ "ٺٽي واري شاهجهاني مسجد" نالي سان مشهور آهي.



سنڌ شناسيءَ جا عالم ٺٽي جي پرسان مڪليءَ تي سنڌ جي
حاڪمن جا تاريخي مقبرا ڏسي رهيا آهن.

از نقش و نگار در و ديوار شکسته
آثار پديد است صناديد عجم را





ٺٽو ۽ ٻڪاي ڏسڻ بعد سنڌ شناسيءَ جا عالم موهن جو دڙو ڏسڻ ويا، جتي هوائي اڏي تي جناب چاڪر علي جوڻيجي، صدر پيپلس پارٽي لاڙڪاڻي ۽ جناب محمد علي جوهر، سيڪريٽري سر شاهنواز خان ڀٽو يادگار لئبرري لاڙڪاڻي، سندن استقبال ڪيو. ان موقعي تي سر شاهنواز خان ڀٽو يادگار لئبريءَ طرفان مهمانن جي مان ۾ هڪ پرتڪلف لنچ ڏني وئي.



لاڙڪاڻي ۾ سنڌ شناسيءَ جا عالم قائدعوام جناب ذوالفقار علي ڀٽي، وزيراعظم پاڪستان جي ٺهرايل ڪمال اتاترڪ يادگار وٽ.



سنڌ شناسيءَ جا عالم موهن جي دڙي ۾ وڏي حوض وٽ.

هن ۾ ڳالهيون، هن ۾ سماڌيون، هن ۾ ياد پيارن جا ۔

— "نياز" همايوني



سنڌ شناسيءَ جا عالم، "موهن جي دڙي" ۾ اِستُوپا وٽ



[illegible] جو [illegible] معروف [illegible] مستشرق

سنڌ شناسي [illegible] پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شمل [illegible] سنڌ يونيورسٽيءَ

طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني وئي. محترمه شمل يورپ ۽ آمريڪا

[illegible] سنڌ جو علم ۽ [illegible] سان متعارف ڪرائڻ ۾ بي مثال خدمتون

[illegible] سنڌ يونيورسٽي [illegible] هڪ يوروپي

[illegible] سنڌ لاءِ ڪيل علمي خد[illegible]

[illegible] سنڌ ۾ نيا شوق [illegible]



جناب پيارعلي الانا وزير تعليم سنڌ، حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي خصوصي ڪنووڪيشن ۾ پروفيسر شمل کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيئي رهيو آهي.



جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وائيس چانسيلر
جناب پيارعلي الانا وزيرتعليم سنڌ يونيورسٽي



سنڌ يونيورسٽي، پروفيسر ڊاڪٽر اينيمري شمل ۽
ڪانووڪيشن کي خطاب ڪري رهيا آهن.

’کوڙين ڪر

اچيو اگهه ان





حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽي
جي خصوصي ڪنووڪيشن
ڪان پوءِ، سنڌ شناسيءَ
جا عالم، سنڌ جي سدا حيات
شاعر، شاهه عبداللطيف
ڀٽائيءَ جي روضي تي حاضري
ڏيئي رهيا آهن.



ڀٽ شاهه کان پوءِ سنڌ شناسيءَ جا عالم هالن ۾ سنڌ جي برگزيده اولياءَ حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي درگاهه تي حاضري ڏيڻ ويا، جتي مخدوم زاده خليق الزمان سندن آجيان ڪئي ۽ کين درگاهه ڏيکاري.



سنڌ جي سير سفر پوري ٿيڻ بعد، سنڌ جي متعدد معزز شخصيتن، وزيرن ۽ زميندارن طرفان سنڌ شناسيءَ جي عالمن جي مانَ ۾ دعوتون ڏنيون ويون. اهڙيءَ هڪ دعوت ۾ سنڌ جا ٻه وزيراعليٰ — اڳوڻو وزيراعليٰ جناب محمد ايوب کهڙو ۽ هاڻوڪو وزيراعليٰ رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي — ڪچهري ڪري رهيا آهن.



سنڌ شناسيءَ جي عالمن جي مانَ ۾ ڏنل هڪ لنچ ۾ جناب پيارعلي الانا
وزير تعليم سنڌ، بيگم ممتاز راشدي، جناب اي- ڪي- بروهي ۽
ڊاڪٽر عاليه امام.

نچ ناچوئڙا، ٿيءِ مهل نچڻ جي    او! وري نہ ملندئي وارَ



سنڌ سيمينار جي آخر ۾، سنڌي راڳ ۽ موسيقيءَ جي هڪ يادگار محفل منعقد ٿي. سنڌ جو مشهور فنڪار، فقير عبدالغفور انهيءَ محفل ۾ صادق فقير جي مشهور ڪافي ڳائيندي موج ۽ مستيءَ ۾ نچي رهيو آهي.



محفل موسيقيءَ ۾ سنڌي راڳ سان گڏ، شادي ۽ وهانوَ جون ڪي سنڌي رسمون به ڏيکاريون ويون. هيءَ گهوٽ ڪنوار جي لانون لهڻ جو منظر آهي.



محفل موسيقيءَ ۾ ڪي سنڌي ناچ به پيش ڪيا ويا. هيءَ سنڌي جهمر جو هڪ منظر آهي.



سنڌي راڳ ۽ موسيقيءَ جي



محفل جو هڪ دلڪش منظر



سيمينار جي آخري اجلاس پوري ٿيڻ تي ملڪي ۽ غير ملڪي عالمن کي سنڌي اجرڪ تحفي طور پيش ڪيا ويا. هن تصوير ۾ ايران، ترڪي، پاڪستان، نيدرلينڊ، جرمني ۽ انگلنڊ جا عالم سنڌي اجرڪن سان نظر اچي رهيا آهن.



سنڌ سيمينار جي خاتمي تي غير ملڪي عالمن پنهنجا پنهنجا تاثرات بيان ڪيا. آمريڪا جي نمائندي جان باردي ۽ ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته مان هن ڪان اڳ به سنڌي زبان سکڻ لاءِ ڪي سال سنڌ ۾ رهي ويو آهيان. سخت گرمي ۽ لُڪ ۾ هڪ دفعي سکر کان ڪراچيءَ اڪيلوئي اڪيلو موٽر سائيڪل جو سفر ڪندي ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ تي هوس. پر سالن گذرڻ کان پوءِ به جڏهن سنڌ جي يادگيري ايندي اٿم ته اکين ۾ آڪير پرجي ايندي اٿم. مون کي سنڌ ۽ سنڌواسين لاءِ پيار ۽ عزت آهي. سنڌ قديم تهذيب ۽ تمدن جو سرچشمو آهي. آءٌ سنڌ جي عظمت جو مداح آهيان ۽ ان جي روشن مستقبل لاءِ دعاگو آهيان. هي سيمينار مون جهڙن وچڙيلن کي سنڌ سان ملائڻ جو سبب بڻيو آهي، جنهن لاءِ مان سيمينار جي منتظمين کي دعائون ۽ مبارڪون ڏيان ٿو.

## پروفيسر ڊاڪٽر يوجين ڪنيز (آمريڪا)

”سنڌ سيمينار جهڙيون بين الاقوامي گڏجاڻيون علمي واڌاري ۾ وڏو ڪم ڏين ٿيون. مان ١٩٦١ع ۾ ايشيائي تحقيقي معاملن جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيو هوس. سنڌ شناسيءَ ۾ منهنجي دلچسپي رکڻ علم ۽ دانش جو معاملو نه آهي، پر ان جي پٺيان هڪ راز آهي. جيڪڏهن منهنجن ايراني دوستن کي رقابت نه ٿئي، ته آءٌ اوهان کي اهو راز ٻڌايان: راز هي آهي ته ”منهنجو سنڌ سان عشق آهي.“





## زوار زيدي (برطانيه)

”سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين علائقن جي تاريخ سرڪاري طرح ڇپائي وڃي، جنهن ۾ قديم زماني کان وٺي هاڻوڪي دور تائين مڪمل ۽ جامع مواد ڏنو وڃي. جيڪڏهن اهو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو ته مان سوهن جي دڙي مان هٿ ڪيل ڪافي مهرون رضاڪارانه طور انهيءَ تحقيقي ڪم لاءِ پيش ڪندس. منهنجي گهر واري آثارِقديمه جي ماهر آهي. اها سنڌ ۽ پاڪستان جي ڇوڪرين کي قديم آثارن جي حفاظت جي مفت سکيا ڏيندي.“



## پروفيسر فان لوزان (هالنڊ)

”خوشقسمتيءَ سان مون کي گذريل پنجويهن سالن ۾ وري وري پاڪستان اچڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي. پهرئين دفعي آءٌ جڏهن هتي آئي هيس، تڏهن ڪنهن مون کان سوال ڪيو ته توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ متاثر ڪيو آهي؟ مون وراڻيو: ”مهمان نوازي“. اڄ جڏهن اهو ساڳيو سوال مون کان وري پڇيو ويو ته مون کي جواب ڏيڻ لاءِ لفظ ئي ڪونه سُجهيا. آءٌ ڪهڙن لفظن ۾ اوهان جي قرب جو اظهار ڪريان!

”اوهان وٽ نادر تاريخي ۽ ثقافتي شيون آهن. انهن جي ڪشش وري وري سنڌ شناسيءَ جي عالمن کي هتي وٺي ايندي.“



## پروفيسر پيٽر هارڊي (برطانيا)

”اسان انگريز ماڻهو سنڌين جي مهمان نوازيءَ جي ڀيٽ ۾ ڇا ٿا ڪري سگهون؟ سنڌ جي مهمان نوازي ضرب المثل آهي.

”سنڌ سيمينار هر طرح ڪامياب رهيو. پر مون کي سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ متاثر ڪيو، اها هئي سنڌي هنرن، ڪاريگرين ۽ ثقافت جي نمائش. مون هن قسم جي نمائش سال ٿيا جو نه ڏٺي آهي.

”اسين هتي اچي تمام گهڻو خوش ٿيا آهيون ۽ پاڻ سان پيارين يادگيرين کڻي واپس وطن وينداسين.“



## سائمن ڊگبي (برطانيا)

”اسان کي هتي هرڪا عزت ملي آهي. سيمينار جي ڪاميابي ۽ اسان جي سار سنڀال لاءِ هر ننڍي وڏي ڪارڪن، مرد توڙي عورت جيڪا پيچ ڊُڪ ڪئي آهي، سا تعريف جوڳي آهي. اوهان جي مهمان نوازيءَ جو ته ڪو جواب ئي ناهي. صوبائي وزيرن کان وٺي ويندي عام شهرين تائين سڀني اسان جو سهڻو آدرڀاءُ ڪيو آهي.“

## گلشن کاڪي (آمريڪا)

”آءٌ آمريڪا جي رهاڪو آهيان، پر سنڌ سان منهنجو ناتو تمام پراڻو آهي. آءٌ پاڻ کي سنڌ جو حصو سمجهان ٿي ۽ ١٩٦٩ع کان وٺي سنڌ سان مسلسل لاڳاپو رکندي اچان.

سنڌ صدين کان سيمينار تمام شاندار ٿيو.“



سي پوچارا پُر ٿيا، سمونڊ سيويو جن،
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڏائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُلهه مهانگو اُن جو.

ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه